
# پرينءَ جي پار جون ڳالهيون

**سيد غلام حيدر شاهہ قلندري**

انجمن غلامانِ قلندر (ويلفيئر) سنڌ



## ڪتاب جا حق ۽ واسطا محفوظ


| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | پرينءَ جي پار جون ڳالهيون |
| ليکڪ: | سيد غلام حيدر شاهه قلندري |
| معاون ڪار: | الطاف ملڪاڻي |
| مرتب ڪندڙ: | شيرخان پنهور |
| ڇاپو پهريون: | 2019ع |
| ڇپائيندڙ: | انجمن غلامِ قلندر (ويلفيئر) سنڌ انفارميشن شعبو |
| ڪمپوزنگ: | شيرخان پنهور |
| ٽائيٽل ڊيزائن: | مهراڻ سهتو |

قيمت: 100 روپيا

**PIREEN JAI PAR JON GALHYOON**

**1ST EDITION : © 2019**

**PUBLISHED BY: A.G.Q.W SINDH INFORMATION DEPARTMENT.**

**COMPOSING : Sher Khan Panhwar**




## ارپنا

هيءُ ڪتاب آئون محب باوفا سائين محمد علي بادشاهه رحمت الله عليه جي نالي ڪريان ٿو.

سيد غلام حيدر شاهه قلندري.

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| (1) | قطب الاقطاب سائين عبدالرحمان شاهؒ | 08 |
| (2) | عاشق رسولﷺ هستيءِ ڪامل سائين محمد علي بلوچ قلندرؒ | 12 |
| (3) | حق جي سڃاڻپ لاءِ اک تي ڪپي | 18 |
| (4) | هيءُ عشق جو وکر اَتو | 21 |
| (5) | دعا | 35 |




# دنيا دم نہ هڪڙو

الله تعريف جي لائق آهي، سڀ عبادتون سجدا رڪوع ان طرف منصوب آهن ۽ ان جو محبوب صلى الله عليه وسلم شفاعت آهي. يقينن درود سلام ان لاءِ سونهن. دنيا جا دستور ۽ وهنوار جن ۾ سزا ۽ جزا، وفا ۽ جفا، بقا ۽ فنا، لازم ملزم آهن. ڪجھ يادون بہ يادگار ٿي وڃن ٿيون. ڪجھ لمحا اڻ مٽ ليکيا وڃن ٿا جيڪي تاحيات وقتن با وقتن اڪيلائيءَ ۾، زندگيءَ جي ڏکن سکن ۾ جهوريو رکن ٿا. هڪ اهڙا انمول لمحا جڏهن مونکي انتظار ڪرايو پئي ويو، ورد وظائفن جي صورت ۾، تہ تنهنجيون امانتون هڪ نہ هڪ ڏينهن اسان جو ماڻهو کڻي تو وٽ ايندو. تون پاڻ کي دنيا کان پري ڪري اڪيلائي اختيار ڪر فقط مقرر درگاھ سان واڳاپيل رهو. بهرحال، منهنجي ڏاڏي واري وڏي تاريخي بنگلي ۾ منهنجي نالي ڪيل هڪ الڳ ڪمري ۾، دروازي تي آهستي آهستي ٺڪاو ٿئي ٿو ٿوري دير بعد ملازم ٻڌائي ٿو سائين هڪ ڪرڪيٽ جو رانديگر اوهان سان ملڻ چاهي ٿو. آئون اندر اچڻ جو چوان ٿو ڪمري ۾ رکيل پلنگ جي پاسي ۾ آئون ويهان ٿو منهنجي سامهون گوڏا کوڙيءِ مونکي ڏسي روئڻ شروع ٿئي ٿو جو لڙڪ ڪيڙن کان هيٺ ڪرڻ شروع ٿين ٿا جڻ ڪا زندگيءَ جي وڃايل ڪا شيءِ هٿ اچي ويئي هجي روحاني ڳالهيون شروع ٿين ٿيون نياپن ۽ پيغامن جي مٽاسٽا ٿئي ٿي، ڪافي وضاحتون سائين پاڻ پنهنجي حياتيءَ ۾ ڪري ويا آهن. آئون پردو کڻڻ نٿو چاهيان، پر هڪ عرض ضرور ڪندم. ڪنهن عظيم انسان لاءِ اهو ڪافي ناهي هوندو، تہ ڪجھ گهڙيون ان جي نالي ڪري وڏيون تقريرون ڪيون وڃن، ورسيون ۽ ڍهاڙا ملهايا وڃن، ڪتاب لکيا وڃن، اهي سڀ دنياوي رسمون رواج پلي برقرار هئڻ گهرجن. ان ۾ قباحت

ڪانهي، پر اصل ان انسان جي نقش قدم تي هلڻ جي ان عظيم مقصد جي پوئواريءَ چوڪيداري ڪرڻ ۽ ان جو فلسفو اڳتي ڪان اڳتي پهچائڻ سان ئي وفاداري چٽبي جنهن سان ان جو روح راضي ٿيندو. آئون شڪر گذار آهيان سائين الطاف ملڪاڻي جو جنهن جي محنت ۽ محبت سلامت رهندي اسان ۽ ان سيني دوستن جي دل ۾ جيڪي ان فلسفي سان لاڳاپيل آهن. ان بعد جاکوڙي جوان شيرخان جنهن جنگي بنيادن تي منهنجي ڪتابن کي سهيڙيو آهي. آئون حيران آهيان شايد مٿان ڪان اسان لاءِ ڪا نعمت بخشي ويئي آهي ان بي ادبن جي دنيا ۾ ادبي انسان جي روپ ۾. مون وٽ فقط دعائون ئي آهن قبول ڪرڻ واري الله جي ذات آهي وسيلي پنهنجي محبوب جي ۽ ان جي اهل جي.

- سيد غلام حيدر شاهه قلندري.



## قُطب الاقطاب سائين عبدالرحمان شاهه عليه الرحمة

هن ڪائنات جي خلقڻهار جيئن، سج، چنڊ، ستارن، ڪهڪشائن ۽ ٻين جمادات، نباتات توڙي ظاهري ۽ باطني مخلوق کي زندگيءَ جو هڪ نظام ڏنو آهي، جنهن تحت هر ڪا شيءِ پنهنجي فطرت مطابق پنهنجو سفر طئه ڪندي رهي ٿي پر هن ڪائنات ۾ واحد انسان اُها هستي آهي جيڪا صلبحِ عقل ۽ شعور آهي، جنهن کي الله پاڪ علم ۽ عقل ڏنو آهي پر انهيءَ باوجود بہ انسان عالم لاهوت ڪان هيٺ لهي عالم ناسوت ۾ اچي ٿو تہ ان ڪان پنهجي اُها اشرف المخلوقات واري حيثيت ۽ خدا جي نائب هئڻ وارو فرمان وسري وڃي ٿو جنهن ڪري هو دنياوي خواهشن حرص، حوس جي ور چڙهي خدا سان ڪيل "يوم الست" وارو واعدو وساري ويهي رهي ٿو ۽ نفس جي دوکي ۾ اچي روح کي بيمار ۽ روڳي ڪري وجهي ٿو جنهن ڪري روح مان لاهوتي پرواز جي طاقت ختم ٿي وڃي ٿي ۽ روح پنهنجي بي وسيءَ تي بس روئيندو رهي ٿو. پر هڪ حقيقت اها بہ آهي تہ هن جهان هيچ ۾ خدا جا ڪي خاص ۽ چونڊيل ٻانها اهڙا بہ آهن جن کي نہ تہ مال، نہ تہ اولاد، نہ تہ شهرت نہ ئي دنيا جي حرص هيچ خدا جي ذڪر ۽ فڪر ڪان روڪي سگهي ٿي، اُهي تہ باوجود هن دنيا جي ميري پاڻيءَ جي ڍنڍ ۾ رهڻ جي ڪنول جي گلن جيان صاف سترا ۽ اڇا اُجرا رهن ٿا ۽ جيئن جڳ ۾ صاف سترو اڇو اُجرو روح ڪٽي اچن ٿا ائين ئي مالڪ حقيقيءَ وٽ وڃن پيش ٿين ٿا جيئن لطيف سائين فرمايو آهي:

جن کي دور درد جو، سبق سور پڙهن،
فڪر ڦرهي هٿ ۾، ماٺ مطالعو ڪن،
پنو سو پڙهن، جنهن ۾ پسن پريںءَ کي.

سو ڏنو وڃي تہ يقينن اهڙين ئي ڪامل هستين مان صوفي باصفا وليءِ ڪامل قطب الاقطاب قبلا سائين عبدالرحمان شاهه رح پڻ هئا.

## خانداني پسمنظر

سائين عبدالرحمان شاهہ رح جو واسطو اهل بيت اطهار جي هڪ متقي، پاڪباز ۽ ديندار گهراڻي سان آهي، سندن والد محترم فتح محمد شاهہ المعروف فتح دين شاهہ هڪ نهايت ئي ديندار انسان هئا، اهڙي طرح سائين عبدالرحمان شاهہ رح جا چاچا سيد مير محمد شاهہ المعروف سيد بچل شاهہ رح پڻ هڪ ڪامل ولي ۽ پاڪباز هستي هئا، جن جي سامارو شهر لڳ درگاهہ آهي جتي هر ماهہ چنڊ جي سترهين تاريخ جي رات جو محفلِ درود پاڪ ٿيندي آهي. ان ڪانسواءِ سائين عبدالرحمان شاهہ رح سيد فضل شاهہ جا پوٽا ۽ هاشم شاهہ سوئم جي چاچي لطيف شاهہ جا سئوٽ ۽ سنڌ جي اندر عورتن ۾ بيبي رابعہ بصري رح جي ڏيک ڏيندڙ ۽ قلندري جي درجي تي پهتل امان سائڻ بيبي مني رح جا سڳا ڀاءُ آهن. ياد رهي تہ سائڻ بيبي مني رح جي درگاهہ ڪنري شهر لڳ آهي، جتي چنڊ جي هر 27 هين تاريخ تي هڪ شاندار دُرود پاڪ جي محفل ٿيندي آهي.

مٿي ڄاڻايل سائين جن جي خاندان جي پسمنظر مان يقيني طور تي اها ڳالهہ صاف ظاهر آهي تہ سائين عبدالرحمان شاهہ رح روحاني طور هڪ اهڙي خاندان سان لاڳاپيل هئا جيڪو بارگاهہ خداونديءَ ۾ قطبيت ۽ قلندريت جي درجي تي پهتل هو. جنهن ڪري ئي اهل نظر ۽ اهل دل ماڻهو سائين عبدالرحمان شاهہ رح کي قطب الاقطاب جو درجو ڏين ٿا.

## حُليو مبارڪ

ڏاڏا سائين عبدالرحمان شاهہ رح نهايت ئي حسين و جميل ۽ نوراني چهرو رکندڙ هستي هئا. سندن اکيون وڏيون ڳاڙهسريون، زلف مبارڪ ڪلهن تائين لڙڪيل، قد جا ڊگها ۽ رعبدار هستيءَ جا مالڪ هئا. لباس ۾ اڪثر ڪري ڪاري رنگ جي قميص ۽ اڇي شلوار پائيندا هئا، ڪڏهن تہ اڇي چادر بہ هر وقت ڪين ويڙهيل هوندي هئي.



## روحاني ۽ طبعي لاڙا

جيئن تہ پاڻ هڪ اعليٰ خاندان جا فرزند هئا ۽ سندن طبعي لاڙا دنيا داريءَ ڏانهن گهٽ هئا، جيتوڻيڪ سندن واسطا دنياوي حوالي سان ان وقت جي حڪمرانن ميرن سان هئا جيڪي سندن وڏو احترام ڪندا هئا، جنهن ڪري ميرن پنهنجي زمين تي سائين عبدالرحمان شاهہ رح کي هڪ مدرسو مسجد ۽ مسافر خانو نهرائي ڏنو جتي پاڻ خلق جي خدمت ۽ دين جي تعليم تبليغ جو ڪم ڪندا هئا. پر باوجود اميرن سان تعلق جي پاڻ ڪڏهن بہ ظاهري طور تي دولت، شهرت يا دنياوي ڏيک ڏيکاءَ جي ور نہ چڙهيا، پاڻ ظاهري رعب دٻدٻي بدران فقيريءَ ۾ پنهنجو شان ۽ مان سمجهيو ۽ هڪ جاءِ تي ويهي رهڻ بدران خلق کي فيض پهچائڻ لاءِ سير سفر کي ترجيح ڏنائون، هر وقت ماڻهن کي نيڪي چڱائيءَ جي تلقين ڪندا رهيا. سائين عبدالرحمان شاهہ رح ننڍڙي وهيءَ ۾ ئي عبادت ۽ رياضت علم ۽ عمل جي اهڙي درجي تي وڃي پهتا هئا جو سندن دعا لاءِ کنيل هٿ بارگاهہ الاهيءَ مان ڪڏهن بہ خالي نہ موٽيا، اهوئي سبب هو جو وٽن ديني توڙي دنياوي حاجت مندن جو هجوم هر وقت رهندو هو ۽ ماڻهو ڪانئن دعا وٺڻ لاءِ هر وقت منتظر هوندا هئا، ڏٺو وڃي تہ پاڻ عالم با عمل وليءِ ڪامل جي درجي تي پهتل هئا ۽ جيڪڏهن ڪين روحانيت جي اعليٰ درجي يعني قطب الاقطاب جي درجي تي پهتل اعليٰ هستي چئجي تہ ان ۾ ڪو بہ وڌاءُ نہ هوندو. ڇاڪاڻ تہ سندن فيض سان نوازيل هستيون بہ قلندريءَ جي درجي تي وڃي پهتيون جن مان هڪ سائين محمد علي بلوچ قلندري رح پڻ آهي، جن جو ذڪر هن ڪتاب ۾ پڻ شامل آهي.

## ازدواجي زندگي

سائين عبدالرحمان شاهہ رح جي شادي تمام ننڍڙي وهيءَ ۾ ٿي، جنهن مان کين جان محمد شاهہ نالي هڪ فرزند بہ عطا ٿيو پر پاڻ گهريلو زندگيءَ جي پيٽ ۾ تبليغ دين کي اوليت ڏنائون.

# شهادت

حقيقت جي نگاھ سان ڏٺو وڃي تہ دين جي تبليغ خاطر شهادت جو اعليٰ رتبو ماڻڻ ڪربلا جي سرزمين کان وٺي اهلبيت جي ميراث رهي آهي، سو پاڻ بہ شهادت جي اعليٰ درجي تي پهتا. سائين عبدالرحمان شاھ رح جو سلطان آباد ميرپورخاص لڳ هن وقت جتي روضو مبارڪ آهي، انهيءَ جاءِ تي ست صفر جي تاريخ سال 1285ع هجري ۾ 35 سالن جي عمر ۾ خنجر ڪٽي کين شهيد ڪيو ويو جيئن تہ پاڻ اڳ ۾ پنهنجي شهادت کان باخبر هئا، سو اڳواٽ ئي وصيت ڪري ڇڏي هئائون تہ کين شهادت واري جاءِ تي ئي مدفون ڪيو وڃي. يقيني طور تي شهادت جو اعليٰ تاج بہ ڪنهن ڪنهن اعليٰ هستيءَ جي نصيب ۾ اچي ٿو سو سائين عبدالرحمان شاھ رح کي مالڪ حقيقيءَ طرفان اهو حُسيني تاج مليو. سائين عبدالرحمان شاھ رح بقا جي جهان ڏانهن روانگيءَ کانپوءِ سندن مزار مبارڪ سائين محمد علي بلوچ قلندري رح انجمنِ غلامِ قلندر ويلفيئر سنڌ جي تعاون سان انتهائي شاندار طريقي سان جوڙائي جتي چنڊ جي هر اناويهين تاريخ درود پاڪ جي محفل پڻ ٿيندي رهي ٿي. يقيني طور تي سائين عبدالرحمان شاھ رح جي طرفان جاري ڪيل روحاني فيض جو سرچشمو تاقيامت جاري رهڻو آهي جو سندن ئي فيض جو اکين ڏٺو ثبوت سندن مزار مبارڪ جي پيرانديءَ کان جڙيل هڪ ٻيو شاندار مقبرو سائين محمد علي بلوچ قلندري رح جو آهي، ان کانسواءِ اڄ بہ انجمن غلامِ قلندر جي سرواڻي ڪندڙ هستي سائين سيد غلام حيدر شاھ قلندري پڻ سائين عبدالرحمان شاھ رح جي روحاني فيض جا وارث ۽ سائين محمد علي بلوچ قلندري رح جي ڇڏيل واٽ جا رهبر آهن. جن کي اُهو درجو بابا سائين احمد علي قريشي رح قلندر ڪبريا جي حمايت ۾ محبت سبب مليو آهي.

- الطاف ملڪاڻي



# عاشق رسول ﷺ هستيءَ ڪامل سائين محمد علي بلوچ قلندر رحمة الله عليه

## خانداني پسمنظر

سائين محب محمد علي بادشاھ رح جن جو تعلق ايراني بلوچن جي قبيلي شهلي ٻُر بلوچ جي شاخ سان آهي، جيڪو ايراني بلوچستان ۾ "ڪوھ زنده" جي دامن ۾ موجود هڪ ڳوٺ "دار اهوگ" ۾ رهائش پذير آهي پر چوندا آهن تہ "ذات ناهي ذات تي جو وهي سو لهي" بلڪل ائين ئي سائين محمد علي بلوچ رح کي بہ روحانيت جي اعليٰ اسرارن کان واقف ٿيڻو هو ۽ ڪائنات جو مالڪ ڪنهن اعليٰ ڪم لاءِ کين چونڊي چڪو هو جنهن ڪري سائين محمد علي بلوچ جو خاندان 1935ع ڌاري لڏي اچي سنڌ ۾ ڪنري شهر لڳ آباد ٿيو.

حقيقت جي نگاھ سان ڏٺو وڃي تہ انسان جي زندگي جيتري قيمتي آهي اوتري بي بقا ۽ فاني پڻ آهي. ڪائنات جي مالڪ "ڪن فيڪون" چئي هن لاجهہ هستيءَ کي خلق فرمايو ۽ انهيءَ سموري خلقت ۾ وري انسان کي اعليٰ ۽ اشرف ڪيو پر حضرت آدم عليہ السلام کان وٺي اڄ تائين هن ڌرتيءَ جي گولي تي آيل لکين، اربين انسانن مان بس ڪي چند هزار انسان ئي اهڙا آهن جن کي دنيا مان وڃڻ کانپوءِ بہ ياد رکيو وڃي ٿو ۽ الله وارن کي ياد رکڻ جو وڏي ۾ وڏو سبب اهو آهي تہ انهن پنهنجي وجود کي وساري خلق جي خدمت کي خدا جي موڪليل احڪامن کي پوري ڪرڻ ۾ وسان ڪو نہ گهٽايو.لطيف سائين جي لفظن ۾ جڏهن بہ ڪنهن باشعور ماڻهو خدا جي ڏنل پيغام کي سمجهي ورتو تہ پوءِ ان هنن سٽن تي عمل ڪيو تہ.

تتي ٿڌي ڪاھ، ڪاهي ويل ويهڻ جي،
متان ٿئي اونداھ، پير نہ لهين پرينءَ جو.

۽ پوءِ جن بہ پرينءَ جو پير ڪنيو ۽ تتي، تڏي ڪاهيو تہ پوءِ اُهو فنا في الوجود مان نڪري بقا بي الاوجود ٿي پيو اهو فنا في الله مان نڪري بقا بي الله تي پهتو ۽ اهڙي پيارين ڪاملن هستين ۾ سائين محمد علي بادشاهہ قلندرؒ جو شمار پڻ ٿئي ٿو.

## جنم مبارڪ

جيئن مٿي ذڪر ڪري آيا آهيون تہ سائين محمد علي بادشاهہ جو تعلق ايراني بلوچن جي شاخ شهلي بُر بلوچن سان آهي ۽ سندن خاندان ايران مان لڏي اچي ڪنري شهر ۾ آباد ٿيو جتي16 آڪٽوبر سن 1952ع تي سائين محمد علي بادشاهہ جنم ورتو.

## ابتدائي تعليم ۽ ننڍپڻ

سائين محمد علي بلوچ جو ننڍپڻ ڪنري ۾ گذريو جتي پاڻ پنج درجا پرائمري جا ڪوٽ غلام محمد مان پاس ڪيائون. ان ڪان پوءِ مئٽرڪ قاضي سلطان مومن هاءِ اسڪول ڪنري مان پاس ڪيائون جڏهن تہ انٽر سائنس جي تعليم 1973ع ۾ شاهہ عبدالطيف ڪاليج ميرپورخاص مان حاصل ڪيائون جتي مٿن نظر هڪ ڪامل هستي ۽ فيضِ قلندر سان نوازيل ڪامل شخصيت بابا سائين احمد علي قريشي ؒ جن جي پئي پر اجان اُهو وقت نہ آيو هو جو مٿن روحاني راز ظاهر ٿين جنهن ڪري کين في الحال دنيا جي تپندڙ ڪوري ۾ پچي راس ٿيڻ لاءِ ڇڏيو ويو.

## جواني ۽ حق جي ڳولا

جيئن تہ انسان جي اندر ۾ ڪائنات جي مالڪ روح جو هڪ روشن شعلو قلب جي اندر رکي ڇڏيو آهي. پر جڏهن ماڻهو زماني جي ظاهري ۽ خارجي تعلقاتن ۾ ڦاسي ٿو تہ اندر ۾ ٻرندڙ اهو روحاني شعلو جهيڻو ۽ هيٺو ٿيندو ٿو وڃي پر وري جڏهن ڪنهن ڪامل هستيءَ جي صحبت ۽ نگاهہ نصيب ٿئي ٿي تہ اهو جهيڻو ٿيندڙ روحاني شعلو مچي مچ ٿي پوي ٿو. جيئن تہ انسان جي ابتدائي زندگيءَ تي ماحول جو اثر تمام گهڻو ٿئي ٿو



ماڻهو ظاهري سنگت ۽ صحبت جي اثر هيٺ خدا جي ياد کان غافل ٿي دنياوي زندگيءَ جي تماش گاهہ ۾ مصروف عمل ٿي وڃي ٿو پر ڪڏهن ڪڏهن ضمير جي لڱندڙ ڪا ڇهنڊڙي يا وري ڪنهن روحاني هستيءَ جو سڏ انسان جي اندر کي سجاڳ ڪري وجهي ٿو ماڻهو غفلت جي دنيا کي خير باد چئي راهہ رباني تي هلڻ شروع ڪري ٿو اهڙي طرح ڏٺو وڃي تہ سائين محمد علي بادشاهہ رح بہ جوانيءَ جي ابتدا ۾ زماني جي هر چڱائي ۽ مٺائي کي آزمايو پنهنجن ۽ پراون جي نيڪ توڙي بد صحبت ۾ رهندي نيڪي ۽ بديءَ جي اثرات کي تجرباتي طور آزمائي ڏٺو پاڻ دهريت پسنديءَ کان وٺي مجذوبيت جي مهرابن جا تجربا ڪيا ابتدائي دور ۾ سندن اها ڪيفيت هئي تہ.

جو ميں بسجد ہوا کبھی زتو مین سے آنے لگدا ،
تیرا د ل تو ہے صنم آشنا، تجھے کیا ملے نمگاز میں.

پر اها ڪيفيت عارضي هئي، سندن روح ۾ جيڪا گرمي هئي جيڪا تڙپ جيڪا اڃ هئي اها کين ڪنهن ڪامل هستيءَ جي ڳولا ڪرائيندي رهي پاڻ حق جي تلاش ۾ هئا ۽ ڪنهن اهڙي در جي ڳولا ۾ هئا جتان سندن اجايل من کي شانتي ملي، پاڻ ڪيترين ئي گادين ۽ درگاهون پيٽيائون پر کين نالي وارين گادين تي بہ اقبال جي هنن سٽن جي ڪيفيت نظر آئي تہ.

میرا ش میں آئی ہے ا نہیں ر مسشا د ،
ز ا غوں کے تصرف میں ہیں عقابوں کے نشیمن.

جيئن آڪيرا تہ عقابن جا آهن پر هاڻ انهن تي ڪوڙا ۽ ڪائنر وينا آهن پر چوندا آهن تي جيڪي "لوچين سي لهن" يا وري "پچنديون پسن پير پرينءَ جو" سو نيٺ وڃي کين اهڙو در مليو جتان کين حق جي راهہ ۽ روشني ملي ۽ پاڻ پرينءَ جو پيچرو وٺي پنڌ ڪرڻ لڳا.

## سائين عبدالرحمان شاهه رح سان تعلق جڙڻ ۽ روحاني زندگيءَ جي ابتدا

سائين محب محمد علي بادشاهه رح جن جي اندر ۾ موجود روحاني تڙپ ۽ اُڃ کين 1964ع ڌاري سلطان آباد لڳ سائين عبدالرحمان شاهه رح جي در تي وٺي آئي جتي پاڻ ڏينهن رات خدا کي ٻاڏائيندا ۽ ريجهائيندا رهيا، ڪيترن ئي سالن تائين محبت همٿ ۽ تسلسل سان سياري، اونهاري، ٿڌي، ڪوسي پاڻ سائين عبدالرحمان شاهه رح جي ڊيوٽي ڏيندا رهيا ۽ نيٺ وقت جي انهيءَ ڪامل بزرگ کي سائين محمد علي بادشاهه رح جي سچائي، تڙپ ۽ روحاني اُڃ تي پورو يقين آيو جو بقول محب سائين محمد علي بادشاهه رح جي سائين عبدالرحمان شاهه رح بہ نفس نفيسِ جسماني طور تي پنهنجي قبر مبارڪ مان ٻاهر نڪتا ۽ سائين محب محمد علي بادشاهه رح کي پنهنجي سيني سان لاءِ اهو حڪم فرماياؤن تہ بابا محمد علي اسان توهان جي ٻانهن قلندر ڪبريا جي سچي خدمتگار ۽ عقيدت مند ميان احمد علي قريشي صديقي رح جي حوالي ڪيون ٿا جيڪو توهان کي باقي طريقت جي راهہ جو پنڌ سيکاريندا ۽ توهان جي تربيت ڪري توهان کان اهو ڪم وٺندا جيڪو بارگاهِ خداونديءَ ۾ توهان لاءِ مقرر ڪيو ويو آهي.

اهڙي طرح سائين محمد علي بادشاهه رح سائين عبدالرحمان شاهه رح جي ڏنل حڪم موجب سائين احمد علي قريشي رح جي خدمت ۾ پهتا جتان کان وري کين قلندر ڪبريا جي دربار ۾ پيش ڪيو ويو ۽ ائين هن ڪامل هستيءَ کي عشق رسول ﷺ جو جام پياريو ويو ۽ کين دُرود پاڪ جي تعليم ۽ تبليغ لاءِ چونڊيو ويو.

## انجمن غلامِ قلندر ويلفيئر سنڌ جو قيام

جيئن تہ بابا سائين احمد علي قريشيءَ رح کي بارگاهہ رسالت ﷺ قلندر ڪبريا جي معرفت درود پاڪ جي تبليغ ۽ تعليم کي عام ڪرڻ جو حڪم ملي چڪو هو سو بابا سائين احمد علي قريشي رح 1988ع ۾ انجمن غلامِ قلندر جو بنياد قائم ڪيو ۽ هن تنظيم جو صدر سائين محمد علي بلوچ رح



جن کي مقرر ڪيو ويو ۽ مرشد پاڪ جي بارگاهہ مان درود پاڪ جي تعليم لاءِ حڪم ملڻ ڪانپوءِ سائين محمد علي بلوچ رح لطيف سائين جي هنن سٽن تي عمل ڪندي نظر آيا.

حبيبن هيڪار منجهان مهر سڏ ڪيو،
سو مون سڀ چمار، اورڻ اهوئي ٿيو.

يقينن منهنجي مُرشد، منهنجي محبوب مون کي رڳو هڪ پيرو ئي حڪم ڪيو آهي سو هاڻ مون کي زندگيءَ جي آخري دم تائين اهوئي ڪم ڪرڻو آهي ۽ پوءِ دنيا، جهان ڏٺو تہ سائين محمد علي بلوچ رح عشقِ رسول ﷺ ۾ فنا في الوجود ٿي ڏينهن رات، جهر، جهنگ، جبل، ٿر، ڪاڇي، ڪوهستان سواءِ ڪنهن خوف ۽ لالچ جي ڪم ڪيو پاڻ سمنڊ ۾ ترندڙ لانچ کان وٺي منڇر جي ٻيڙين تائين، ٿر جي ڏوراهين ڳوٺن کان وٺي ڪاڇي جي ڪنڊ ۾ ڪاري جبل جي ڪڇ ۾ درود پاڪ جو فيض ڦهلايو ۽ لطيف سائين جي هنن سٽن تي عمل ڪيو تہ.

جان جان هئي جيئري ورچي نہ ويٺي،
وڃي پوڻ پيٺي، سارينديءَ کي سڄڻين.

سو يقيني طور تي جيڪي پاڻ کي يار جي فڪر ۾ فنا ڪن ٿا انهن کي ئي بقا ملي ٿي.

## تبليغي ۽ تعليمي خدمتون

محب سائين محمد علي بلوچ قلندر رح جن هڪ پاسي پيرين پنڌ سنڌ جي ڳوٺ ڳوٺ وڃي هڪ ماڻهوءَ کان وٺي سوين ماڻهن کي اجتمائي طور تي درود پاڪ جي تبليغ ڪندا رهيا پر پنهنجي روحاني ۽ وجداني تعليمات جو مرڪز سلطان آباد ۾ پنهنجو ميڊيڪل اسٽور بہ هو اهو اسٽور بظاهر دنياوي اسبابن حاصل ڪرڻ لاءِ هو پر حقيقت ۾ روحاني طور تي اهو ميڊيڪل اسٽور هڪ روحاني تربيت گاهہ ۽ درسگاهہ جو مرڪز هو جتي سائين محمد علي بادشاهہ رح وٽ سموري سنڌ مان عشق جا اُڃايل اچي روحاني سبق وٺندا هئا، نہ رڳو ايترو پر سائين ساليانی روحاني اجتماعن ۾ پنهنجي ساده پر پُراثر ۽ علمي خطابن ذريعي زنگيل ذهنن ۽ ڪٽيل دلين ۾ روحانيت جي شمع روشن ڪندا رهيا ان ڪانسواءِ

”اندر تون اُجار“ جهڙو شاندار ڪتاب لکي انجمن غلامانِ قلندر سان لاڳاپيل دوستن جي تعليم ۽ تربيت ڪئي. سائين بادشاھ جي قلم ۾ بہ اوتري ئي طاقت هئي جيترو سندن خطابن ۾ اثر هو. جيئن اقبال چيو آهي تہ،

کہتا ہوں وہی ت سمجھتا ہوں جسے حق
نے آھلہِ مسجد ہُوں، نہ تہذیب کا زند
اپنے بھی خفا مجھ سے ہیں، بیگانے بھی خوش
میں ہر ز ِ ہلاہل کو کبھی کہہ نہ سکا قند.

سو پاڻ حق کي حق چوندا رهيا. سچ تي قائم رهيا انھيءَ ۾ اهو نہ ڏٺائون تہ ڪو مون سان گڏ آهي يا ڏار پاڻ پيري. مريديءَ جي نٽ ٽانگر ملائيت ۽ صوفيت جي دوڪانداري توڙي مڪرن کان پاڪ صاف رهيا نہ ڪنهن کان ڪڏهن ڪجھ گھريائون نہ ئي ڪنهن ۾ ڪا اُميد رکيائون. سو پنهنجي ڪم کي پنهنجي روحاني ڊيوٽي سمجهي سرانجام ڏيندا رهيا. سندن هڪ هٿ ۾ عشق رسول ﷺ جو جام رهيو تہ ٻئي هٿ ۾ قلندر ڪبريا جي حق جو پيغام رهيو ۽ ائين اڄ بہ سندن مزار مبارڪ تي روحاني فيض عام آهي پر پرشرط نيت جي صفائي درجي سچائي ۽ خلوص آهي اڄ بہ جيڪڏهن ڪو ماڻهو خلوص دل سان محب سائين محمد علي بادشاھ رح جي مزار مبارڪ تي حاضري ڀري ٿو تہ ان جي اندر جي اڪ کُلي ٿي ۽ ان جا ظاهري توڙي باطني اسباب پورا ٿين ٿا.

- الطاف ملڪاڻي



# حق جي سچاڻپ لاءِ اک ٿي ڪپي

هن ڳالھ جي تصديق ڪندو هلان تہ آئون ڪنري شهر ۾ پڙهيو آهيان. ميٽرڪ مون ڪنري شهر مان ڪئي آهي. پوءِ اسان لڏي سلطان آباد وياسون. اتي سائين عبدالرحمان شاھ جي دربار ۾ ويس. سائين جن قرب ڪيو پنهنجو پهريدار ڪيو. ڪافي سال مون کي پاڻ وٽ هلائي پوءِ مون کي بابا سائين احمد علي قريشي رح ۽ سهڻي لعل سائين وٽ موڪليائون.

هيءَ 1988ع يا 1989ع جو واقعو آهي مون سائين عبدالرحمان شاھ رح جن کي عرض ڪيو تہ سائين مون کي ٻڌايو تہ توهان جو خاندان ڪٿي آهي. تہ جيجان بيبي مٺي رح مونکي رات جو خواب ۾ آئي مونکي فرمايائون تہ بابا عبدالرحمان شاھ رح اسان جو پاءُ آهي ۽ منهنجو نالو نورجهان آهي ۽ منهنجي امڙ جو نالو بيبي خضران رح آهي بابا جو نالو سيد فتح دين شاھ رح ۽ تون 27 هين تاريخ اسان وٽ ايندو ڪر پر اڪيلو نہ ايندو ڪر ۽ مونکي چيائين اٿي لڪ متان توکي وسري نہ وڃي جيجان مونکي ٻانهن مان جهلي اٿاريو. مان بينچ تي ستل هئس اڪ کلي منهنجي ٻانھ صفا سڪي پئي هجي. پوءِ درود پڙهي پڙهي ٻانھ تي دم ڪري پندره ويھ منٽن کان پوء مون لائيٽ کولي. رات جا تقريبن اڍائي ٿي ٿي رهيا هئا پوءِ اهي نالا لکي آئون ويهي رهيس. آئون سوچ ۾ پئجي ويس تہ ڪٿي ڪنري ڪٿي سلطان آباد ڪٿي سائين عبدالرحمان شاھ رح تہ ڪٿي بيبي مٺي رح. هي ڇا چڪر آهي؟ ڪيئن آهي؟ بحرحال ڪنري آيس اچي تلاش ڪيم تلاش ڪندي گهمندي ڦرندي ڏڪا ٿاٻا کائيندي اچي ڪنري شهر پهتاسون. شهر پنهنجو هو ڪنري ۾ منهنجا وڏا رهندا هئا اها بہ اسان کي خبر هئي. سائين صديق محمد شاھ سان اسان جو ملاقاتون هيون. ننڍڙا هوندا هئاسين تہ مدرسي ۾ پڙهندا

هئاسين سائين صديق محمد شاهه اسان کي وٺي ايندو هو ۽ هتي ٻستان ڳوٺ هوندو هو اتي سائين جن اسان کي ويهاري آيت ڪريمه لا الا الله جا لک لک ورد ڪيرائيندو هو. پوءِ اسان واپس ويندا هئاسين اهو دور هوندو هو. پوءِ سائين غلام حيدر شاهه جن سان ملياسين سائين جن کي ٻڌايم پوءِ سائين غلام حيدر شاهه چيو جيجي مني رح جا پار پٽا ڏيو پوءِ مون پار پٽا ڏنا ۽ سائين جن مونکي سائين عبدالرحمان شاهه رح جن جا پار پٽا ڏنا ته فلاڻي هستيءَ توکي هتي موڪليو آهي سڄو چهرو ٻڌايائين مون چيو قبلا اوهان سچا آهيو آئون پنهنجي منزل تي پهچي ويو آهيان. مون جيئن جيجي مني رح جا پار پٽا ڏنا تيئن سائين مونکي سائين عبدالرحمان شاهه رح جا پار پٽا ڏنا پوءِ يقين ٿيو پڪو پوءِ سفر تي شروع ٿياسين. اسين پهتاسين اسلام آباد. سائين جن کي مون جڏهن درود پاڪ ڏنو ته سائين جن ايڏي ته محنت ڪئي ايڏي ته محنت ڪئي جو مهينو ڪو نه گذريو بابا سائين جن مونکي ٽيليفون تي چيو "بابا ڪنري وارو شاهه بابا پٽ مونکي آرام ڪرڻ نٿو ڏئي هاڻي انهي کي جلدي مون وٽ وٺي آ". بابا سائين احمد علي قريشي رح ڪڏهن سائين غلام حيدر شاهه کي ڏٺو به نه هجي پر سائين غلام حيدر شاهه ايڏي ته محنت ڪئي جو بابا سائين پاڻ فرمائش ڪئي ته هُن کي وٺي اچو. پوءِ اسين سائين کي وٺي وياسين ڊاڪٽر غلام رسول ڪاڪيپوٽو به هينئر هتي ويٺو آهي. اسين ٽئي ڄڻا بابا سائين وٽ وياسين. بابا سائين منهنجي روبرو آئون گواهه آهيان منهنجي روبرو ويهي ڪري چيائون "بابا پٽ تنهنجي ابن ڏاڏن جي امانت آهي انهن مونکي حڪم ڪيو آهي ته اسانجي ٻچي کي اسانجون امانتون ڏي. بابا اباڻي ملڪيت تنهنجي جام آهي. اها مونکي تو وٽ ٽرانسفر ڪرڻي آهي مونکي تنهنجي مائٽن چيو آهي اها آئون ٽرانسفر ڪندس ۽ مون مان به توکي حصو ايندو. وچ پٽ جنهن علائقي ۾ تون رهين ٿو ان کان وٺي راجستان تائين جيڪا به پٽي آهي اها سڄي اسان توکي ڏني. وچ مستقبل ۾ اهو



سڀ توکي ملندو اهو سڀ ڪجهه ٿيندو" ۽ پوءِ بابا سائين جن چا ڪيو سائين جن چيو وچو بابا هڪڙو ڪپڙو وٺي اچو پوءِ سائين (رفيق ڪاڪيپوٽو) وارا ويا آهن ڪپڙو وٺي آيا آهن سائين جن کي پڳ ٻڌائون. سائين جن فرمايو "بابا اسان اڳ ۾ هڪڙي پڳ باطني دنيا ۾ محمدعلي کي ٻڌي آهي. پر ظاهر ۾ اسان تنهنجي ٿا ٻڌون" پوءِ سائين حيدر شاهه کي پڳ ٻڌائو ۽ انکان پوءِ اسان سائين جن جي دعا سان روانا ٿياسون. منهجي دوست ڪمپيئر کي صحيح خبر ڪو نه هئي. صحيح ڄاڻ ڪو نه هئي. هن ٻُڌل ڳالهيون ڪيون آهن جيڪي اڄ روبرو آئون اوهان کي ٻڌايان پيو. سو مونکي سائين غلام حيدر شاهه جون دعائون آهن. هن جا هڪڙا اولياء ٻيبي مٺي ڏاڏا عبدالرحمان شاهه ڪونهن. ڏاڏا سائين يوسف رح تي آئون به ٿي مهينا ڪو نه پهتس مان هڪ رات ڏاڏا سائين يوسف شاهه جي ڪم ۾ هئس ڏاڏا سائين يوسف شاهه بادشاهه رح مونکي اچي چيو "بابا هن جيجي مٺي رح جي نالي چيائين بابا هنن جو اوليائن جو خاندان اٿئي ڪنهن جي خاندان ۾ هڪڙو ولي الله هوندو آهي، ڪنهن ۾ ڪيئن پر هنن جو ولين جو خاندان آهي".پوءِ آئون ڳالهه کي سمجهي ويس ته هن (سائين غلام حيدر شاهه) جي مٿان الله سائين جا ڪرم آهن. هيءَ وڏي گادي آهي ۽ اوهان خوشنصيب آهيو اوهان محنت ڪيو درود پاڪ پڙهو هيءُ مالڪن جو حڪم آهي.

محب باوفا سائين محمد علي بادشاهه رح جو روحاني خطاب
ساليانو عرس مبارڪ ٻيبي جيجي مٺي رح (ڪنري).

# هيءُ عشق جو وکر اٿو

اَعُوذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

اَللّٰهُ اَكۡبَرُ كَبِيۡرًا وَّالۡحَمۡدُ لِلّٰهِ كَثِيۡرًا وَّسُبۡحَانَ اللّٰهِ بُكۡرَةً وَّاَصِيۡلًا

منهنجا انتهائي محترم، منهنجا مانوارا، منهنجا دوستو، منهنجا عزيزو، هيءَ منهنجي محبوب ڪريمﷺ جي محفل آهي، هيءُ منهنجي محبوب ڪريمﷺ جي محبت جو ميلو آهي، توهان منهنجا پيارا پائر پري پري کان آيا آهيو، يقينن توهان هتان کان پنهنجيون جهوليون پري ويندا. منهنجو انهن معتبر دوستن کي جن رات ڏينهن هڪ ڪري منهنجي محبوب ڪريمﷺ جي هن محفل کي سجايو اهي اسان جا دوست جيڪي انتظاميا جي صورت ۾، اهي اسان جا دوست جيڪي انچارجن جي صورت ۾، اهي اسان جا دوست جيڪي ڪارڪن جي صورت ۾، اهي اسان جا دوست پري پري الاهي ڪٿان ڪٿان کان کھڙن هنڌن تان کهي هن محفل ۾ آيا آهن. انهن سيني دوستن کي مون مسڪين عاجز ۽ گنهگار جي طرفان اسلام عليڪم ۽ حق موجود.

دوستو! هيءَ تاريخي محفل آهي، هيءَ محبتن جي محفل آهي، هي باعث تخليق ڪائنات جي محفل آهي، هي آقاءِ نامدار جي محبتن جي محفل آهي، اڄ وري سنڌ جي سرزمين پنهنجي تاريخ پئي ناهي، جنهن سنڌ جي لاءِ منهنجو محبوب چوندو هو اتان کان مونکي ٿڌڙي هوا ٿي لڳي، منهنجي محبوب ڪريمﷺ کي ِ ها خبر هئي ته انهيءَ سرزمين تان منهنجي لاءِ اربن کربن درودن جا تحفا ايندا. منهنجا دوستو توهان کي سوين اربين ڪربين مبارڪون هجن، توهان کي به مبارڪون ته توهان



جي ماءُ ۽ پيءُ کي به مبارڪون هجن، توهان جي نصيبن کي به مبارڪون هجن، دوستو! توهان اڄ هن سياڳي سرزمين تي آيا آهيو، هونئن ته چون ٿا ته برصغير صوفياءِ اڪرامن جي ڌرتي آهي، دوستو اهو بلڪل حق آهي، پر دوستو اڄ توهان جنهن سرزمين تي آيا آهيو اتي به هڪڙو صوفي ڪامل الستي مست پيدا ٿيو ان جو نالو سائين محمد علي بلوچ هو ماڻهن کي انهيءَ بزرگ جي باري ۾ ان وقت ڪنهن کي به خبر نه هئي، ڪنهن هن کي کھڙا اعتقاد پئي ڏنا. پر اڄ توهان جي موجودگي ۾ هنن دوستن جي موجودگي ۾ تاريخ اڄ پنهنجو پاڻ نئون باب رقم پئي ڪري ۽ تاريخ ٻڌائي ٿي پئي ته جنهن مست ملنگ مرد مجاهد قلندري مسلڪ سان سلهاڙيل شخصيت، جنهن محبوب جي ديواني پنهنجو پاڻ کي محبوب جي لاءِ اربيو ته اڄ انهيءَ محبوب جي نظرِ توجه سان هزارين ماڻهن انهي سرزمين تي اچي انهي کي اربين کربين درودن جا تحفا ڏئي ِ هو ثابت ڪيو آهي ته عشق مصطفيﷺ هميشه هر وقت ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ زنده رهي ٿو ۽ عشق مصطفيﷺ ئي ڪٽي اسان جي صوفياءِ اڪرامن جهر جهنگ جو سير سفر ڪيو آهي.

دوستو! کهاڻين وارا ته کهاڻيون ٿا ڪن، ڪئين هزارين صوفيائي اڪرامن جو ڪرامتون بيان ڪن ٿا، هنن جا اقوال بيان ڪن ٿا، هنن جو وصفون بيان ڪري دنياوي فائدا ٿا وٺن، دنياوي دولت ڪمائين ٿا انهن کي صوفي ڪو نه چئبو صوفي اهي آهن جن جي لاءِ الله سائين هڪ حقيقت آهي، عام صوفين جي لاءِ الله سائين هڪڙو تصوراتي خاڪو آهي پر حقيقي صوفين جي لاءِ الله سائين حقيقت آهي ۽ صوفين لاءِ عمل ڪرڻ حقيقت آهي، صوفين عمل ڪيو ۽ عمل ڪري ٻڌايو آهي ته عمل ڪيئن ٿو ٿئي، سائين محمد علي قلندري به انهن مان هڪ هو هڪڙا اهي جن صوفي ازم کي

پنهنجو نالو ناهڻ لاءِ استعمال ڪيو وڏا ويس وڏا ناٽڪ وڏيون ڳالهيون ڪري عوام الناس کا پنهنجا ٻپ پرايا. هڪڙا صوفي اهي آهن جن جهان جي لاءِ، جن انسانيت جي لاءِ پنهنجي جان انهن تي نڇاور ڪري ۽ انهي انسانيت جي ناتي سان انهن اڻ ڄاڻن کي جيڪي تعليم يافته بہ هئا. جن وٽ ظاهري علم تي هو پر هو اندروني علم کان اڻ واقف هئا. صوفيائي اڪرامن انهن کي اها تعليم عطا ڪئي جو اهي نااهل بہ اهل ٿي ويا، انهن نااهلن کي اهل ڪرڻ وارن کي صوفي ٿو چيو وڃي، جيڪي صوفي ڪرامتون بيان ڪري، جيڪي صوفي ڪهاڻيون بيان ڪري پنهنجا ظاهري مقصد حاصل ڪن ٿا. انهن صوفين کان الڳ ٿي هڪڙا اهڙا بہ صوفي آهن جيڪي ڌرتي تي اهڙي استقامت سان بيهن ٿا جيئن ميخون هنن کي قابو ڪن ٿيون ائين هنن کي ميخن قابو ڪري ڇڏيو آهي، هو پنهنجي منشور ۽ فلسفي تان هڪ منٽ بہ هٽن ڪو نہ ٿا. هنن کي عشقِ محمدﷺ جو ميخون فٽ ٿيل آهن، هنن کي محبتِ محمدي جو ميخون عطا ٿيل آهن، هنن کي اهو ميخون اهڙو تہ قابو ٿيون ڪري ڇڏين جو هو هِلي ڪو نہ ٿا سگهن، اهي پنهنجي منشور کان هٽي ڪو نہ ٿا سگهن، ٻئي پاسي تي نعرن وارا صوفي آهن، ويسن وارا صوفي آهن انهن کي طوفان بہ لوڏي ٿا ڇڏين، انهن کي ڌرتي بہ ڌوڏي ٿي ڇڏي، انهن کي پيا جيڪي ظاهري مقصد آهن اهي انهن کي هٽائي ٿا سگهن پر صوفي جيڪي آهن انهن کي ڪا بہ تمنا پنهنجي مقصد تان هٽائي ڪو نہ ٿي سگهي، جيڪو هنن جو فلسفو آهي، جيڪو هنن جو مقصد آهي، انهيءَ تي هو بيهي ٿا رهن. دوستو اڄ ڪلهہ جي سائنس بہ ثابت ٿي ڪري، اها بہ چئي ٿي تہ اسان بہ مشاهدو ڪيو آهي، اسان بہ مجاهدو ڪيو آهي، هڪڙو صوفي ڪامل چئي ٿو تہ مون بہ مجاهدو ڪيو آهي، مون بہ مشاهدو ڪيو آهي، سائنس جا مشاهدا برحق پر صوفين الله جي نور کي برداشت ڪري ثابت ڪيو آهي تہ رُڳو ظاهري علم سڀ ڪجهہ ناهي الله جي نور سان وڏي



بصيرت ٿي اڇي، دل ۾ انسانيت ٿي اڇي، صوفيءَ ۾ الله سائين اهڙو نور ٿو پيدا ڪري جو هن جي اک جيڪا آهي اها وسيع ٿي وڃي ٿي ۽ هن جي اک سان جيڪو اک ٿو ملائي ان کي ٻو نوِ بصيرت عطا ٿي وڃي ٿي، پوءِ دوستو اهو ڇا ٿو ڪري پوءِ اهو انهي عشق ۾ مگن ٿو رهي، پوءِ ان کي ظاهري ڪهڙا بہ اسباب هجن ان جي لاءِ اهي سڀ بيڪار آهن، هن جي لاءِ جيڪڏهن ڪو تحفو آهي تہ اهو محبوب جي در جو سرٽيفڪيٽ آهي، جيڪو توهان دوستن جي روپ ۾ ڪربين درودن جي تحفي ۾ اهو سرٽيفڪيٽ ٿو ملي، منهنجا دوستو اهو سرٽيفڪيٽ توهان ۽ اسان سائين محمد علي کي پيا ڏيون، توهان ۽ اسان اڄ ڪربين درودن جي شڪل ۾ سائين محمد علي جو اهو احسان ادا ٿا ڪريون جيڪو هن بي سرو سامان جي حيثيت ۾ جهرجهنگ وڃي، نہ هو واعظي هو نہ هن ڪڏهن چيو تہ آئون ڪو پير آهيان، نہ هن ڪڏهن چيو تہ آئون ڪو ڪاملين آهيان، نہ هن جي دوستن احبابن ڪڏهن اهڙي ڪا دعوا ڪئي آهي، جيڪڏهن ڪنهن دعوا ڪئي آهي تہ اهو اسان جي ٻانهين کان ٻاهر آهي، پر هنن دوستن وٽ عاجزي جو سبق آهي، هنن دوستن کي جيڪي اسباق مليا آهن اهي محبت جا مليا آهن، اهي خلوص جا مليا آهن، منهنجي محبوب ڪريمﷺ جنهن جي اسم تان اسان جون هزارين جانيون قربان، منهنجي محبوب ڪريمﷺ جي حديث قدسي آهي تہ

”ڏينهن قيامت جي ظاهري ويسن وارو هڪڙو ٽولو ايندو، جنهن کي ملائڪ جنت جي طرف وٺيو پيا ويندا تہ حڪم ٿيندو تہ هنن کي دوزخ ۾ وٺي وڃو، ملائڪ چوندا تہ الله سائين توهان جو حڪم اکين تي پر هنن دنيا ۾ ايڏا تہ چڱا ڪم ڪيا ايڏا تہ نيڪي جا ڪم ڪيا جو اسان جا قلم لکي لکي ٿڪجي پيا پر هنن جون نيڪيون هنن جا ثواب ختم نہ ٿيا. الله سائين چئي ٿو هي منهنجا بندا هنن منهنجي بندگي ڪئي پر هنن جيڪا بندگي ڪئي اها مخلوق کي وٽائڻ جي لاءِ ڪئي، مونکي ڪا شيءِ ڪو نہ ٿي کپي جنهن ۾ ظاهريت هجي“

حوالو: (ڪنز العمال، ڪتاب الاخلاق، قسم الاقوال، حرف الراء، باب الرياء، الحديث: 7471، 7472، ج 3، ص 189)

الله ڪي توهان جي دل جي سچي ڪيفيت ٿي ڪپي، اسان جا صوفياءِ اڪرام ماڻهن کي اهي ڪيفيتون ٻڌائي، ماڻهن کي اهي ڪهاڻيون ٻڌائي، انهن صوفين جا اهي اقوال ٻڌائي همدرديون حاصل ڪرڻ چاهين ٿا، پر حقيقي جيڪو صوفي آهي جيڪو سچو صوفي آهي اهو ڪهاڻين وارو صوفي نہ آهي، اهو نقلي صوفي نہ آهي، هنن جا ازل ۾ ابد ڪان فيصلا ٿين ٿا، خواجہ معين الدين چشتي رح جيڪو شهنشاهِ هند، جيڪو سلطانِ هند هئا، اجان ٻارڙا هئا پنهنجي پيءُ جي ڪري هڪڙي باغ ۾ مزدوري تي هئا تہ انهي وقت اتان هڪڙو بزرگ ٿو مٽي، ان جو نالو خواجہ معين الدين چشتي جي مرشد جي حوالي سان محمد عثمان هاروني هو، ڇوڪري کي چون ٿا تہ آئون بکيو آهيان، آئون اڃايل آهيان مونکي ڪافي ڏينهن ڪان ڪجھ کائڻ لاءِ ڪو نہ مليو آهي، اهو ٻالڪ آهي، اهو ڇوڪرو ڏاڍي ادب سان احترام سان پنهنجي باغيچي مان ڪجھ انگور ٿو پٽي ۽ انتهائي ادب سان اهي ڏوئي ٿو ۽ ڏوئڻ ڪانپوءِ انهيءَ بزرگ کي ٿو ڏئي ۽ اهو بزرگ انهن مان هڪڙو انگور پٽي وات ۾ وجهي ٿو اهو ٿورو اڳتي ٿو وڃي وري اتان ڪان واپس ٿو اچي اهو پنهنجي وات ۾ وڌل انگور انهيءَ ٻالڪ کي وات ۾ ٿو وجهي ۽ پٺيءَ تي هٿ ٿو هڻي، پندرهن سورهن سالن ڪانپوءِ اهو ٻالڪ منهنجي محبوب ڪريم ﷺ ڪان سرٽيفڪيٽ وٺي هند ۾ اچي ٿو ان کي ملي ٿو ولايت هند جو سرٽيفڪيٽ، پندره سوره سال اڳ ۾ فيصلو ٿئي ٿو، پندرنهن سورنهن سال بعد ۾ اچي اهو بزرگ ظاهر ٿو ٿئي ان جو فيض سڄي هند تي هلي ٿو، ان جو فيض برصغير تي هلي ٿو، دوستو هيءُ فيصلا جيڪي آهن، اهي ازل جا آهن، ميثاق جي وقت ڪان آهن، جڏهن روح پيدا ٿين ٿا تڏهن فيصلا ٿيل آهن، توهان اسان جا نوجوان آهيو، وڏي ۾ وڏو انگ توهان نوجوانن جو آهي، مونکي چڱيءَ طرح خبر آهي تہ توهان يونيورسٽين جا ڇوڪرا هتي آيل آهيو، پري پري ڪان آيل آهيو، اسان جي هن انجمن ۾ وڏ ۾ وڏ تعداد



نوجوانن جو آهي، دوستو بغير ڪنهن فنڊ جي، بغير ڪنهن لوڀ لالچ جي، بغير ڪنهن تمنا جي ڪهڙي شيءِ توهان کي هن ميدان ۾ وٺي آئي آهي، ظاهري تہ ڪو بہ اسباب ڪونهي، ظاهري تہ ڪا بہ شيءِ ڪونهي جو توهان هن دجالي دور ۾ جنهن ۾ نوجوان پنهنجي پيءُ جو بہ ڇوڙ برداشت ڪرڻ لاءِ تيار ڪونهي، هو ڪنهن جي ٻڌڻ جي لاءِ تيار ڪونهي، هو پنهنجي مستقبل ڪان بہ باغي آهي، هو پنهنجي حال ڪان بہ باغي آهي، هو هر طرح ڪان باغي آهي، پر هو هن محبت جي پنڊال ۾ ادب سان اچي ويهي ٿو هتي اپري سيري ماني ويهي گڏ ٿو ڪاٺلي ِهو ڇا آهي دوستو؟ انهي جي پٺيان ڪهڙي ڪهاڻي آهي؟ بيڪ سائيڊ ڪهاڻي ِها آهي تہ توهان جا اسان جا رشتا ميثاق جي وقت ڪان قائم آهن، دوستو ِهي عشق جا جراثيم اڳي ئي توهان وٽ ڪڏهن پهتل آهن، هي دور ڪهڙو آهي جنهن ۾ ماڻهو کي ڪا بہ خبر ڪونهي تہ آئون ڇا پيو ڪريان، حرام ۽ حلال جي ڪا بہ خبر ڪو نہ ٿي پوي، ماڻهو رات جي پيٽ ۾ امير ٿيڻ چاهي ٿو، ماڻهو هڪ پل ۾ امير ٿيڻ چاهي ٿو، ماڻهو جيڪو پنهنجي پاءُ جو بہ ڪنڌ ڪپڻ جي لاءِ تيار آهي، پنهنجي پوري خاندان کي هو داءُ تي ٿو لڳائي پر پنهنجي حسرت جي ڪري، پنهنجي خواهش جي ڪري، هن کي خبر آهي تہ منهنجي زندگي ٿوري عرصي جي لاءِ آهي، هن کي صحيح معنيٰ ۾ خبر آهي تہ منهنجي زندگي پنجاهہ سٺ سال جي آهي، ان ۾ بلڊ پريشر بہ آهي، شوگر بہ آهي تہ ٻيا بہ انيڪ مرض آهن، هن جهان جا جنهن ۾ صحت جي حوالي سان، معاشري جي حوالي سان، فيملي جي حوالي سان الاهي ڪيترا مرض آهن اهي وچڙجي پوندا، پر انهن ڪان هٽي ڪري هو پنهنجي زندگي داءُ تي ٿو لڳائي جيڪا ٿورڙي جهان جي زندگي آهي، هو حرام ۽ حلال کي بہ ڇڏي ٿو، هو ايمان کي بہ ڇڏي ٿو، هو هڪدم وساري ٿو ڇڏي تہ آئون خاڪ آهيان، مونکي خاڪ ۾ وڃڻو آهي، مونکي هڪ ڏينهن هي جهان وارا ڇڏيندا جن جي لاءِ مون ماڙيون ٺاهيون، جن جي لاءِ مون حرام جا پيسا وٺي هن منهنجي اولاد جي لاءِ مون مال ملڪيتون ٺاهيون اڄ اهي بہ

منهنجا وارث ڪو نہ ٿا ٿين، مونکي جهرجهنگ ڇڏي ايندا، سالن ڪانپوءِ بہ منهنجي خبر گيري ڪو نہ ڪندا پر مون پنهنجي سچي زندگي انهن تي تباهہ ڪئي، پر صوفي ائين ڪرڻ جي لاءِ تيار ناهن، صوفي پنهنجي زندگيءَ جو سودو انهن اجاين خواهشن تي، انهن ٿورين خواهشن تي پنهنجي زندگيءَ جو سودو ڪرڻ جي لاءِ تيار ڪونهن، صوفي ٿو چئي تہ منهنجو سودو ڪٿي ٿي ويو آهي، مون ڪنهن سان واپار ڪري ڇڏيو آهي، مون رب پاڪ سان واپار ڪيو آهي، محبوب ڪريم ﷺ فرمائي ٿو

اَسمَعُ صَلوٰت اَهلِ مَحَبَتِی وَاَعرِفُهمِ وَتُعرَضُ عَلَی صَلوٰت غَیرِهِمِ عَرضًا

(دلائل الخيرات)

"آئون مون تي درود پڙهڻ وارن کي سڃاڻان ٿو آئون انهن جا نالا بہ سڃاڻان ٿو، آئون انهن جا مهانڊا بہ سڃاڻان ٿو آئون انهن جي ماءُ پيءُ جا نالا بہ سڃاڻان ٿو پوءِ ڇو نہ انهيءَ هستيءَ سان واپار ڪجي، ڇو نہ انهيءَ هستيءَ سان سودو ڪجي، لعل شهباز قلندر بہ صوفي هو منهنجو مرشد بابا سائين احمد علي بہ صوفي هو ايڪويهين گريڊ جي آفيسر ٿيڻ ڪانپوءِ بہ، پرائم منسٽر انسپيڪشن جي ڪميٽي، تعليم جي ڪميٽي جو ميمبر ٿيڻ ڪانپوءِ بہ بابا سائين ڪڏهن بہ دنياوي زندگيءَ ۾ غلط ڪمن ۾ وقت صرف نہ ڪيو وٽن عاجزي هئي، هيناهين هئي، اڄ اهو هيناهين جو سلسلو صدقاءِ جاريہ آهي، اهڙو تہ صدقو بابا سائين جن جاري ڪري ڇڏيو جو هڪ ڏينهن ۾ ڪرين جو درود، دلائل خيرات، ختم القرآن، ڪنهن جو مائٽ فوت ٿي وڃي ٿو تہ اهي شاگرد آٿين ٿا اهي پيسن تي ختم القرآن ٿا پڙهائين اهي پڙهجن ٿا ڪو نہ ٿا پڙهجن پر هتي تہ ثواب جيڪو جاري آهي، هتي تہ اهوئي ثواب، اها ئي ادائگي، اهائي پيروي انهي محب سائين محمد علي ڪئي جنهن پنهنجي زندگيءَ عشقِ مصطفيٰ تي نڇاور ڪئي، هن جي ميڊيڪل اسٽور تي حاضريون پرڻ وارا ڪئين منسٽر بہ هوندا، ڪئين ايم پي اي بہ هوندا، ڪئين آفيسر بہ هوندا، سائين محمد علي کان هنن ڪئين فائدا بہ ورتا هوندا، پر ان جي برعڪس ڪو ماڻهو ثابت ڪري ڏئي تہ سائين محمد



علي هنن کان ڪو دنياوي فائدو ورتو ڇيائين توهين اسان کي ڇا ٿا ڏئي سگهو، دنيا جو ماڻهو اسان کي ڇا ٿو ڏئي سگهي، هو پاڻ ٻين کان وٺڻ ٿو اڇي، پر الله وارا بندا تہ ڏيڻ وارا آهن، پر الله واري بندي وٽ بہ چار قسمن جا ماڻهو ٿا اچن، هڪڙا ماڻهو جيڪي ظاهري ۾ معتقد هوندا آهن پر اندر ۾ هنن جي تنقيد هوندي آهي، پر مون توهان کي اڳ ۾ ٻڌايو تہ الله واري وٽ نظر بصيرت آهي، هن وٽ نور بصيرت آهي، هن جي ڪيفيتِ واردات ۾ عشق واري اها اک اها بينائي اها دوربيني ايڏي تہ وسيع آهي جو انهيءَ ماڻهو کي اها سڃاڻي ٿي وڃي تہ هيءُ ظاهري تہ عقيدت مند آهي پر هن جو اندر تنقيد سان ڀريو پيو آهي، ٻيا وري اهڙا ماڻهو اچن ٿا جيڪي ظاهري تہ تنقيد ڪن ٿا ڇو تہ دنيا جي انهن لوڀن ۾، انهي اسٽيٽس ۾ ظاهري جيڪو ڏيکاءُ آهي انهي ۾ اهي ڦاٿل آهن، ان ۾ اهي مجبور آهن هو ظاهري طرح ماڻهن کي ٻڌائين ٿا تہ هيءُ اسان جو منصب آهي هو ظاهري طرح انهي بزرگ تي تنقيد ڪن ٿا پر هنن جو اندر عقيدت مندن وارو آهي، نظرِ نور بصيرت انهن کي بہ سڃاڻي ٿي وٺي تہ هن جي اندر ۾ ڪٿي نہ ڪٿي محبت لڪيل آهي، هن جو ظاهر تہ بلڪل تنقيد وارو آهي پر هن جي اندر ۾ محبت آهي اهو بہ هن کي سڃاڻي ٿو وٺي، ٽيون وري ماڻهو اهو آهي جيڪو ظاهر منجهہ بہ فسادي آهي تہ اندر منجهہ بہ فسادي آهي، هڪڙو اهو ئي ماڻهو آهي جيڪو ظاهر منجهہ بہ محبتي آهي تہ اندر منجهہ بہ محبتي آهي، پوءِ وري الله وارو ڇا ٿو ڪري هو هن جي اڳيان ڪجهہ ڳالهيون لڪائي ٿو پر هو جڏهن وڃي ٿو تہ پنيان هو ڳالهين ڪنهن نہ ڪنهن طرح سان ظاهر ٿو ڪري، دوستو هي سڀ ڪم، هيءَ سچي سنگت، هي سچيون محفلون انهن جي نسبت سان قائم آهن، دوستو هي هڪڙو عجيب رنگ آهي، هيءُ هڪڙو روحانيت جو رنگ آهي، هيءُ هڪڙو تصوف جو رنگ آهي، هڪڙا هوندا آهن معتصب جيڪي تصوف جي ڳالهہ ڪن ٿا، انهن کي ورجائن ٿا پر هو تصوف صرف ڪتابن ۾ پڙهيا آهن، هڪڙا اهي آهن جن تصوف دل وٽان پڙهيو آهي، جن هڪ هڪ اکر ڪري پڙهيو آهي، هنن پنهنجي

زندگيءَ جو نچوڙ انهيءَ تي ڪيو آهي، پر ان جو واءُ هنن پنهنجي پاڙي کي بہ نہ ڏنو آهي، نہ ئي پنهنجي اولاد کي ڏنو آهي، هنن ڪٿي ڪنهن بہ طرح سان پنهنجي عشق جو واءُ ظاهر ناهي ڪيو تہ منهنجي اندر ۾ عشق ڇا آهي اهو هڪڙو سائين محمد علي بادشاهہ بہ هو اهو بابا سائين احمد علي قريشي بہ هو جن جي فيملين کي بہ خبر ڪو نہ هئي تہ هيءُ ڪهڙا ماڻهو آهن، جڏهن هن ڏرتي تان اهي جوان اٿن ٿا پوءِ هن جهان وارن کي انهن جي اهميت جي خبر ٿي پوي تہ هيءُ بہ جوان هئا. اڄڪلهہ ماڻهو پنهنجي ماڻهو کي بہ چوويهہ پهر ڪانپوءِ وساري ٿو ڇڏي، پر هنن ماڻهن کي ماڻهو صدين تائين بہ وساريندا ڪوانہ ِها تاريخ شاهد آهي تہ داتا سائين کي هزار سالن ڪانپوءِ بہ ماڻهن وساريو ڪونهي، لعل شهباز قلندر سائين کي اٺ سئو سالن ڪانپوءِ بہ ماڻهن وساريو ناهي، ماڻهو انهن کي ناهن وساريندا جن الله کي نہ وساريو جن الله سائين جي محبوب کي نہ وساريو، ماڻهن انهن کي ٿا وسارين جن انهن ٻنهي هستين کي وساري دنيا سان ناتو جوڙيو. دوستو، توهان سڀ نوجوان آهيو. اسان اهي صوفي ناهيون جو توهان کي چئون تہ دنيا کان ترڪ ٿيو دنيا ۾ سنو پهريو سنو ڪائو. الله سائين توهان کي وڏيون وڏيون پوسٽون عطا ڪري، توهان تعليم جي ميدان ۾ بہ اڳتي اچو. توهان هر ميدان ۾ اڳتي اچو پر توهان جي اندر انسانيت مؤجزن هجي، توهان اهي ڊاڪٽر نہ هجو جيڪي پيڪيجن تي ڪم ڪن، توهان اهي انجنيئر نہ هجو جيڪي حرام پائين تي ڪم ڪن، توهان اها پي ايڇ ڊي پڙهيل هجو جيڪا انسان ذات جي لاءِ ڀلائي جو پيغام آڻي ۽ ان سان خبر پوي تہ توهان ۾ اها انسانيت آهي، دوستو، ماڻهو تہ چون ٿا تہ هي هيترو ڪربن جي تعدا ۾ درود پاڪ جو انگ اسان جي سمجهہ ۾ ڪو نہ ٿو اچلي ِهي انگ تہ اسان صرف پيسن ۾ ٻڌا آهن. دوستو پيسا، دولت، ملڪيت ۽ رسلو ِهي سڀ صوفين جي پيرن جي هيٺان آهن، صوفين جو پنڌ اجان بہ اڳتي آهي، سچا جيڪي صوفي آهن انهن جون منزلون اجان بہ اڳتي آهن، جيڪي مٽيءَ تي بہ پنهنجي اک هڻن تہ اها مٽي بہ سوني ٿي وڃي ٿي، ان جي لاءِ



تاريخ شاهد آهي، اهو سون نہ جيڪو بازار ۾ خريد ڪريون ٿا پر اهو سون آهي انسان جي دل جيڪا پٿر ٿي وئي آهي، جيڪي سڙيل لوهہ ٿي وئي آهي، جيڪا ڪنهن بہ ڪم جي ڪونهي پر ڪنهن الله واري بزرگ جي اک انهيءَ پٿر واري دل تي ٿي پوي تہ اها دل سوني ٿي وڃي ٿي، ان دل ۾ الله جو عشق جاڳي ٿو پوي انهي دل ۾ محبتِ محمدي جاڳي ٿي پوي، دوستو هن دجالي دور ۾، هن فتني واري دور ۾ اڄ توهان ثابت ڪيو آهي تہ توهان ۾ انسانيت بہ آهي تہ توهان ۾ مسلمانيت بہ آهي، مسلمانيت اسان کي اسان جي محبوب سيکاري آهي تہ مسلمان ڪيئن ٿو ٿجي، اسان کي اها مسلمانيت ڪپي جيڪا اسان جي شهنشاهہ اسان کي سيکاري آهي، جيڪا اسان کي رحمت العالمينﷺ سيکاري آهي، جيڪا اسان کي شفيع المذنبينﷺ سيکاري آهي، نہ ڪنهن جو حق کائو نہ پنهنجو حق ڪنهن کي کائڻ ڏيو. نہ ڪنهن سان دوکو ڪيو نہ ڪنهن جي دوکي ۾ اچو. ڪنهن جي عيب جوئي نہ ڪريو. ڪوڙ نہ ڪريو. سامان ۾ ملاوت نہ ڪريو. اها اسان کي سوانح حيات اهو اسان کي محبوب جو درس اهو سڀ فقيريءَ ۾ ملي ٿو. فقط هن صوفي ازم ۾ ملي ٿو.

دوستو! آئون توهان جو ايترو ٽائيم ڪو نہ ٿو وٺان، ڇو تہ اسان واعظين نہ آهيون، اسان صوفي ماڻهو آهيون، نہ اسان ايڏيون تقريرون ڪرڻ ٿا چاهيون، اسان صرف سادگي سان توهان کي سمجهائڻ چاهيون ٿا. اسان سؤلن الفاظن سان توهان کي سمجهائڻ چاهيون ٿا. منهنجا دوستو، منهنجا مهربانو، منهنجا محسنو، هن عشق جي جراثيم کي اڄ هتان کان کڻي وڃو، هن وقت توهان جي ڪيفيت ڀلي کڻي ڪهڙي بہ هجي پر اهو عشق جو جراثيم پنهنجي سيني منجهہ سانڍيلو ِهو ڪڏهن نہ ڪڏهن اڻڻد ِهو جاڳندو، اهو توهان مان جاڳي اڻڻد ِهو توهان مان تڏهن جاڳي اٿندو جڏهن توهان مان هن جهان جي زندگي، هن جهان جون خواهشون ڪمزور ٿينديون، دنيا جي خواهش، دنيا جي طلب بي بقا آهي، توهان زندگيءَ ۾ پريڪٽيڪل ڪري صوفي ازم کي جاچيندا

تڏهن توهان جون خواهشون ڪمزور ٿينديون، تڏهن توهان ۾ عشق مصطفيٰ جاڳندو، اهي عشق جا جراثيم توهان ۾ جاڳندا ۽ توهان مان عشق جا ڦوهارا ڦٽندا، انهي عشق جي ڦوهارن جو اهو ثبوت آهي تہ هزارين ڦوهارن ۾ جيڪي عشق جا جراثيم پيا اڇن اهي توهان ڪيچ پيا ڪريو، دوستو، توهان جي نصيبن کي مبارڪون، توهان جي مائٽن کي بہ مبارڪون، توهان هن دور ۾ هيتري وڏي تعداد ۾ منهنجي محبوب ڪريمﷺ تي درود پڙهي پيش ڪرڻ آيا آهيو، دوسلتو ِهو توهان تہ پڙهيو آهي، پر اسان جي ادين امڙين بہ پڙهيو آهي ۽ وڏي تعداد ۾ پڙهيو آهي، ماڻهو پڇن ٿا تہ هيڏو وڏو ڪاٿو ڪيئن آيو، اسين انهن کي ٻڌائڻ ٿا چاهيون تہ هيءَ اها ٽيم آهي، هي اهي دوست آهن جيڪي پنهنجي آفيسن مان فارغ ٽائيم ۾، پنهنجي پڙهائي کان فارغ ٽائيم ۾، پنهنجي ڪاروبار کانپوءِ فارغ ٽائيم ۾ جهر جهنگ ۾، شهرن ۾ اهو درس پچائين ٿا ڪنهن کي محسوس بہ ڪو نہ ٿا ڪرائين تہ اسان وٽ چا آهي، اسان وٽ عشق مصطفيٰ آهي هو وڃن ٿا جهان جا تعنا بہ ٻڌن ٿا، هن جهان جون رڪاوٽون بہ هنن جي سامهون اچن ٿيون پر هو انهن سيني کي پٺيان ٿا ڪري وڃن هو اڳتي ٿا وڃن، هيءُ ٽيم هيءُ سسٽم ايڏو تہ ناياب آهي جو انهن هڪ مهيني ۾ هيتري وڏي تعداد ۾ درود پڙهي هن عظيم محفل ۾ آندو آهي، دوستو، انهي ۾ توهان جو حصو پاڳو آهي، ڪو بہ دوست ڪيترو بہ چاهي ايترو درود ڪو نہ ٿو پڙهي سگهي، اڄ اهو سڀ درود توهان جي اڪائونٽ ۾، توهان جي ماءُ پيءُ جي اڪائونٽ ۾ ايندو، توهان کي قبر جي پهرين رات خبر پوندي تہ توهان ڪيترو مال ملڪيت ڪٺي آيا آهيو، دوسلتو ِها جيڪا مال ملڪيت آهي اُها توهان جي ڪم ايندي.

دوستو، منهنجو توهان جي لاءِ پيغام آهي اسان توهان روز پاڻ ۾ ملندڙ آهيون، اسان توهان جون جدائيون نہ آهن، ڪنهن نہ ڪنهن طريقي سان پاڻ روز هڪ ٻئي سان همڪلام ٿيون ٿا، پر هيءَ هڪڙي



سنت پاڻ ادا ڪئي آهي، اڄ پاڻ هڪڙي جڳهہ تي ملي جهان وارن کي جيڪي جهان وارا ننڊ ۾ ستل آهن، جن کي بي خبري آهي، هو سالن ۾ هڪڙي محبوب جي محفل اٽينڊ ڪن ٿا، هو محبوب جو ميلاد ملهائي خوش ٿا ٿين ٿا تہ اسان عشق جي وادي فتح ڪئي پر اسان انهن کي ٻڌائڻ ٿا چاهيون تہ هنن اسان جي دوستن جو هڪ هڪ منٽ محبوب جو ميلاد آهي، ميلاد مصطفيٰ کانسواءِ هنن جو هڪ منٽ هڪ ڏينهن بہ خالي ڪونهي، توهان سمهون ٿا هي دوست اٿن ٿا، توهان هن جهان جي عيش آرام ۾ سمهون ٿا هي آفيسن ۾ بہ عشق مصطفيٰ جا ميلاد ملهائين ٿا، هي ڪاروبار ۾، هي دنياوي ذميدارين ۾، هي ڪارن جي سفر ۾، پيري پيادن جي سفر ۾، هن جهان جي فوتگين جي سفر ۾، هن جهان جي خوشين ميلن جي سفر ۾ هو خاموش نہ آهن هو عشقِ مصطفيٰ جا هوڪا ٿا ڏين، اڄ بہ عشقِ مصطفيٰ جو هوڪو تاريخ کي ٻڌائڻ چاهي تہ عشق مصطفيٰ جو هوڪو اهڙو آهي جيڪاه ِ نجات آهي، آسماني زميني مصيبتن کان بہ نجات آهي، اسان جي بيمارين کان، اسان جي پريشانين انکراه ِ نجات آهي، اسان اڄ هوندي سوندي بہ پريشان آهيون، اڄ اسان ڏاڍا مايوس آهيون، اسان هر طرح سان پشيمان آهيون، هيءُ اسان کي سبق ٻڌائي ٿو تہ هي شيءِ توهان کي سڪون بخشيندي، هيءَ توهان کي راحت بخشيندي، هيءَ توهان کي آرام بخشيندي، دوستو، اڄ اسان هن پنڊال ۾، هيءَ دستراخو ِ مصطفيٰ آهي، جنهن کي سجائڻ جي توهان اسان کي ڪا طاقت ڪونهي، ڪا اوقات ڪونهي، هن دسترخوان تي ڪارائڻ وارو بہ منهنجو محبوب مصطفيٰﷺ آهي، هن جو ميزبان بہ منهنجو محبوب مصطفيٰ ﷺ آهي تہ مهمان بہ منهنجو محبوب مصطفيٰ ﷺ آهي، هي سڄي ورسي جيڪا آهي اها دعو ِ مصطفيٰ ﷺ آهي، توهان هن ۾ آيا آهيون آئون وري پنهنجي دوستن سميت توهان کي

پليڪار چوان ٿو توهان جي آجيان ٿا ڪريون. جي اسان کان، اسان جي دوستن، انتظاميا کان محفل ۾ ڪا ڪمي ڪوتاهي ٿي هجي تہ هن محفل جي مهابي صدقي اسان کي اسان جي دوستن کي معاف ڪرڻ فرمائجو. دوستو اسان ناچيز آهيون. خاص ڪري آئون تہ عيبن ڀريو آهيان. مونکي اها طاقت ناهي جو آئون توهان جي اڳيان مٿي ويهان، توهان منهنجي محبوب ڪريمﷺ جا عاشقو توهان رات ڏينهن هڪ ڪري هيتري ڪثير تعداد ۾ منهنجي محبوب ڪريمﷺ تي درودن جا تحفا ڪٺي آيا آهيو. آئون ڪير ٿو ٿيان. آئون ان در جي ٻانهي جي ٻار جي حيثيت وٺڻ وارو. آئون ڪير ٿو ٿيان جو محبوب جي اڳيان مٿي ويهان. هيءَ هنن دوستن جو آدر، هي هنن دوستن جو محبتون. هنن جو چاهتون چو تہ هنن کي خبر هئي تہ مونکي چيلهہ ۾ سور آهي، آئون اٿي بہ ڪو نہ ٿو سگهان. آئون ويهي بہ ڪو نہ ٿو سگهان. پر توهان جي محبت، هي منهنجي محبوب جي توجہ آهي جو آئون هيتري دير توهان جي سامهون بيٺو آهيان. اسان جي حاضري شل اهو مالڪ، اهو محبوب، اهو شفيع المذنبين، اهو رحمت العالمين، اهو خاتم النبيا، هن ڪانپوءِ ڪو بہ نبي نہ اچٽو آهي نہ ايندو، اهو خاتم الانبياءَ پنهنجي بارگاه ۾ شل اسان جي حاضري قبول فرمائي، هن جو الله بہ شل اسان جي حاضري کي قبول فرمائي، دوستو اسان مسڪين، اسان عاجز اسان ٻانهيءَ جا ٻار، اسان وري بہ الله سائين جي اڳيان شڪر گذار آهيون تہ الله سائين اسان کي هن جهان ۾ اها همت اها طاقت اها استقامت بخشي آهي جو الله سائين اسان کي هيڙيون محفلون مچائڻ جي توفيق عطا ڪئي آهي، آئون انهن دوستن جو شڪر گذار آهيان جيڪي انتظاميا جي صورت ۾، پوليس جي صورت ۾، ميڊيا جي صورت ۾، خاص ڪري انهن ناياب دوستن جي صورت ۾ جن پنڊال سجايا، جن جاني مالي طور سان هيءَ سجو پنڊال



وسايو، منهنجا دوستو، توهان جون مهربانيون الله سائين توهان کي ڪامياب ڪري، توهان جا پنڌ پري آهن توهان مزي مزي سان وڃجو. آرام سان خوشيءَ سان پنهنجيون جهوليون ڀري وڃجو هاڻي سڀ دوست پنهنجي جڳهہ تي ويهو تہ پاڻ دعا ۾ شامل ٿيون.

سائين محمد علي بادشاہ رح جو ٽيون عرس مبارڪ
۽ سالياني درود پاڪ جي محفل (سلطان آباد ٽنڊو الهيار).

**تاريخ :-** 28-09-2019
**بمطابق ڇنڇر 28 محرم الحرام 1441 هجري.**

# دعا

پيارا دوستو، هاڻي اهو ٽائيم آهي جنهن ٽائيم لاءِ هيءَ محبوبن جي محفل سجائي وئي آهي، منهنجا دوستو انتهائي ادب سان احترام سان اهو تصور ڪريو ته اسان گنبذ خضرا ۾ ويٺا آهيون، اسان انتهائي ادب سان پنهنجي محبوب تي درود پڙهون پيا ۽ اسان جا محبوب اسان جو درود ٻڌن پيا ۽ مسڪرائين پيا ۽ اسان جون خالي جهوليون پرين پيا ۽ مالڪي وارو هٿ ٻه اسان جي مٿي تي رکن پيا ۽ اسان جو سڀ پريشانيون، اسان ڪهڙا ٻه آهيون، گنهگار آهيون، اسان ڪڏهن درود پڙهيو ٻه ڪونهي، پر اڄ اسان هن محفل ۾ خبر ناهي ڪيئن آيا آهيون، اسان کي ڪا دعا ڇڪي آئي آهي، اها دعا ماءُ جي هجي يا اسان جي ٻچڙن ڪمن جي هوندي اسان کان ڪو هڪڙو سنو انسانيت وارو ڪم ٿيو هجي، ڪنهن جي حق ادائگي ٿي هجي، اهو ڪم شايد مالڪ حقيقي کي پسند اچي ويو هجي، ان محبوب کي پسند اچي ويو هجي جو اڄ هن دسترخوان تي ڪائڻ لاءِ اسان کي دعوت ملي آهي جو اسين ڪائڻ لاءِ پهتا آهيون، دوستو مون مسڪين ناچيز جي ڪا ٻه حيثيت ڪونهي، توهان جون مهربانيون توهان چاهيو ٿا، آئون توهان سيني کان هيٺ آهيان، اوهان جيڪي ٻه محبوب جي محفل ۾ آيا آهيو آئون اوهان سيني جا پير پنهنجي مٿي تي رکڻ لاءِ تيار آهيان، دوستو، توهان مونکان پلا آهيو جو توهان محبوب جي محفل ۾ آيا آهيو، دوستو، اسان ته گهڻو ڪجهه ڏسي آيا آهيون پر توهان اڻ ڏٺي آيا آهيو، الله سائين توهان کي ڪامياب ڪري، اچو ته انهيءَ محبوب جي بارگاهه ۾ هلون، انتهائي ادب سان احترام سان، اکين ۾ آب هاري پنهنجيون خواهشون ٻه رکو پنهنجي زندگيءَ جا فائيل، حال ۽ ڪال جا فائيل، پنهنجي حسرتن جا فائيل رکو، دوستو، توهان کي امڙن ٻه چيو هوندو، توهان جي پينرن ٻه ڊيوٽيون ڏنيون



هونديون جن توهان کي هن محفل جي لاءِ مانيون پچائي ڏنيون هونديون انهن جون ٻه خواهشون هونديون سيني جي منهنجي محبوب کي خبر آهي، جيڪي توهان محبتون ۽ پيار کڻي آيا آهيو، توهان مون سان ظاهري کڻي نه ٻه مليا هجو پر منهنجا محبوبو توهان منهنجي محبوب جي اڳيان آهيو، توهان جي دل جي هڪ هڪ ڌڙڪن ظاهر آهي، هڪ کليل ڪتاب آهي، توهان جي خواهشن جون حسرتون، پلي کڻي توهان جون جائز ٻه کڻي نه هجن پر توهان آيا ته ان رحمت العالمين ﷺ جي وادي ۾ آهيو جتي رحمت جون برساتون پيو پون، ڪن دوستن چيو ته برساتون پونديون هي محفل ڪو نه ٿيندي، پر اسان چيو اسان کي انهن چيو آهي جن هيءَ محفل مچائي آهي ته محفل ٿيندي، هتي پاڻي جي برسات ڪو نه پوندي، هتي نور جي برسات پوندي، منهنجا دوستو، اڄ هتي نور جي برسات پوندي، پئي رهي آهي ۽ پوندي رهندي، جيئن محفل اڳتي هلندي نور جي برسات پوندي، اها نور جي برسات توهان جهپيو، اها نور جي برسات توهان استعمال ڪريو، توهان جي زندگيءَ جو سرمايو، توهان جي پونئيرن جو سرمايو، توهان جي قبر جو سرمايو، توهان جي حشر ۽ محشر جو سرمايو، توهان تنهائي ۾ جڏهن اڪيلا ويهندا پنهنجي دوستن کان پنهنجي منصبن کان هٽي اڪيلا ويهندا ۽ سوچيندا تڏهن اهيا رحمت جاڳندي، توهان اڪيلائي ۾ ويهي سوچيندا ته توهان کي هيءَ رحمت ياد ڪرائيندي، جڏهن دنيا وارا توهان کي ٺڪرائيندا جن تي توهان وڏا وڏا آسرا رکيا، اهو مٿين مائٽين جي صورت ۾ توهان انهن ۾ وڏو آسرو رکيو پر انهن توهان کي پٽڪايو، پر دوستو، هيءَ هستي توهان کي پٽڪائيندي ڪو نه، هتي توهان جو آسرو ختم ڪو نه ٿيندو، هتي توهان کي هر وقت آٿت ملندي، پنهنجائپ ملندي، پيار ملندو، قرب ملندو، اهي محبتون ملنديون جيڪي توهان وساري ڪو نه ٿا سگهو ۽ جن کي مليو آهي انهن زندگيءَ ۾ ٻه ڪو نه وساريون ته مرڻ ڪانپوءِ ٻه ڪو نه ٿا وسارين، اهي مرڻ ڪانپوءِ ٻه خوابن ۾ اچي ٿا ٻڌائين ته توهان ٻه اها

ڪمائي ڪريو جيڪا اسان ڪمائي ڪئي آهي، انهن جو قبرون اڄ بہ جاڳن ٿيون، اڄ بہ انهن جا فلسفا جاڳن ٿا. سيوهڻ ۾ وڃي توهان ڏسو تہ ڪيئن ٿيون قبرون جاڳن، داتا سائين ڏسو، حضرت معين الدين چشتي ڏسو ڪيئن ٿيون قبرون جاڳن، ڪيئن ٿا محبت جا محل جاڳن، ٻئي پاسي اقتدار جا مالڪ آهن پر انهن جون قبرون سنسان آهن، اونداهي آهي، ڪاراڻ لڳي پئي آهي، هتي چاهيندي نہ چاهيندي بہ ظاهري شعاع آهن روحاني شعاع آهن. آئون توهان جو ٿائيم ڪو نہ ٿو وٺان پر منهنجي دل ٿي چوي تہ توهان کي هڪڙو اهڙو ڊوز ملي جو توهان جو هتان وڃڻ ڪانپوءِ پير پٽ تي نہ هجي، مونکي محسوس ٿئي ٿو تہ هتان وڃڻ ڪانپوءِ ٿوري وقت لاءِ توهان جو پير پٽ تہ ڪو نہ لڳندو توهان جو پير مٿي هوندو، ڇو تہ توهان تي ڪنهن جي اک ٿيندي، توهان تي ڪنهن جي توجہ ٿيندي ۽ اها توجہ اهڙو تہ توهان کي خوش ڪندي اهڙو تہ توهان کي نوازيندي جو توهان ايڏي تہ خوشي محسوس ڪندؤ، ايڏو تہ بدن هلڪو محسوس ڪندؤ جو توهان جا غم بہ لهي ويندا. توهان جا بار بہ لهي ويندا. توهان تان دنيا جي پريشانين جا غبار بہ لهي ويندا. توهان نہ سمجهو تہ اسين ڪي بزرگ آهيون، اسين مسڪين، اسين محبوبن جي ٻانهيءَ جا ٻار، اسان ۾ اسان جي جي ڪنهن دوست جي ڪا بہ اوقات ناهي، اسين ڪجهہ بہ ڪو نہ آهيون صرف قائم آهي تہ اهو فلسفو قائم آهي، جيڪڏهن ڪنهن شيءِ ۾ طاقت آهي تہ منهنجي محبوب جي انهي درود ۾ طاقت آهي، انهيءَ فيض ۾ طاقت آهي، جنهن جي اسين ڳالهہ ڪريون ٿا. اسان مان ڪو بہ ڪنهن بہ حيثيت جو مالڪ نہ آهي، دوستو اچو تہ ان محبوب جي بارگاهہ ۾ هلون.

الصلاۃ والسلام عليك يارسول الله

الصلاۃ والسلام عليك ياحبيب الله

الصلاۃ والسلام عليك يا رحمت العالمين

”اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَبَارِكْ وَسَلِّمْ“



دوستو هيءُ ٿائيم محبوب ڪريم ﷺ کي توهان جون درود بخشڻ جو ٿائيم آهي،

الصلاۃ والسلام عليك يارسول الله

”اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَبَارِكْ وَسَلِّمْ“

”يَا أَوَّلَ الْأَوَّلِينَ، وَيَا آخِرَ الْآخِرِينَ، وَيَا ذَا الْقُوَّةِ الْمَتِينَ، وَيَا رَاحِمَ الْمَسَاكِينَ، وَيَا أَرْحَمَ الرَّاحِمِينَ“

”يَا حَيُّ يَا قَيُّومُ بِرَحْمَتِكَ أَسْتَغِيثُ“

”لا اله الا انت سبحانک انی کنت من الظَّالِمِينَ“

منهنجا رب پاڪ، اسان جا مالڪ اسان جا حقيقي خالق، تنهنجي محبوب ڪريم ﷺ جي محفل ۾ اڄ اسان ۽ اسان جي دوستن ڪثير تعداد سان، جيڪو تنهنجي محبوب چيو تہ،

”أولى الناس بي يوم القيامة أكثرهم عَلَيَّ الصلاة“

”جيڪو مون تي ڪثرت سان درود پڙهندو اهو ڏينهن قيامت جي مونکي ويجهي ۾ ويجهو هوندو“. منهنجا رب هيءَ جهان هن ۾ فتنت آهي، هن ۾ دشمني، هن ۾ حسد آهي، دنيا ۾ زندگي مفلوج بڻجي وئي آهي، منهنجا رب محدود بڻجي وئي آهي، خواهشن اسان کي لاچار ڪري ڇڏيو آهي، اسان کي خواهشن بيمار ڪري ڇڏيو آهي، اسان خواهشن جي پوئيواري جي ڪري اسان پنهنجي صحت کي پائيمال ڪيو اسان پنهنجي ٻچڙن جي زندگيءَ کي پائيمال ڪيو اسان روحاني ڪيفيت کي بہ پائيمال ڪيو اسان انهي ماديت پرستيءَ جي پٺيان ڀڄڻ جي چڪر ۾ آهيون، اڄ هن موٽر سائيڪل ورتو آهي تہ آئون ڪار وٺان، هن ڪان وڏيڪ ۾ هن ڪان وڏيڪ ۾ هن ڪان وڏيڪ ۾ اسين ايترو تہ اڳتي وڌي ويا آهيون جو اسان پوئتي نظر نہ ڦيري تان جو اسان کي ملڪ الموت اچي قبضو ڪيو پر منهنجا رب اڄ اسان کي خبر ناهي ڪهڙي رحمت، خبر ناهي ڪهڙي طاقت هن محفل ۾ وٺي آئي آهي، منهنجا محبوب هيءَ محفل تنهنجي محبوب

جي نسبت سان آهي، جنهن جي لاءِ تنهنجي محبوب چيو آهي تہ جتي درود جي محفل ٿئي ٿي اتي ملائڪ چوطرف قطار ٻڌي فرش کان وٺي عرش تائين ٿا بيهن. جتي تنهنجي محبوب جو ذڪر، جتي تنهنجو محبوب مدفون، جتي تنهنجو محبوب هجي اها جنت الرياض بہ ٿي وڃي ٿي، جتي تنهنجي محبوب جا پير ٿا پون اهو شهر يثرب مان مدينہ منوره ٿي وڃي ٿو، اهو شهر توکي پسند ٿي وڃي ٿو، جنهن شهر ۾ دجال جي بہ داخلا ممنون آهي، منهنجا رب اڄ اسان جي دل کي اها مديني منوره واري سرزمين ڪري ڇڏ، جتان تنهنجي محبوب جي عشق جا ڦوهارا نڪرن، منهنجا رب اڄ هيءَ اها وادي ٿي وئي آهي جتي تنهنجي محبوب جا نعرا، جتي تنهنجي محبوب جو درود، جتي تنهنجي محبوب جي رحمت وسي پئي، اتي اربن کربن جي تعداد ۾ درود هي دوست پڙهي آيا آهن، منهنجا رب توکي هي ماحول ڪيڏو نہ پسند هوندو، هن دجالي دور ۾، هن فتنن واري دور ۾ جتي فتنا ئي فتنا آهن، جتي محفل آهي تہ اتي ان جي پٺيان بہ ڪو نہ ڪو فتنو آهي، جتي بہ ڪو واعظ آهي تہ ان جي پٺيان بہ ڪو نہ ڪو فتنو آهي، جتي بہ ڪا ڳالهہ آهي جيڪڏهن ان جي پٺيان وڃي ڳولهبو پيرا ڪٽبا تہ اها وڃي دنيا جي ڪنهن حسد سان ملندؤ منهنجا رب تون شاهد آهين تون گواه آهين اسان مسڪينن جي خواهش تنهنجي محبوب جا پير چمڻ آهي، اسان جي خواهش تنهنجي محبوب جو چهرو ڏسڻ آهي، منهنجا رب اسان جي خواهش تنهنجي محبوب جي دامن ۾ لڪڻ آهي، منهنجا رب اسان جي خواهش انهيءَ رحمت جي چادر ۾ پنهنجن عيبن گناهن سميت لڪڻ آهي، اهو مقصد اسان جي محب سائين محمد علي جو هو، اهو مقصد منهنجي محبوب مرشد بابا سائين جو هو، جنهن پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪيو، اهو مقصد منهنجي لعل سائين جو جنهن اهو فيض بارگاهہ مان وٺي تقسيم ڪرڻ جي اسان کي عنايت ڪئي، منهنجا رب تنهنجا پاڪيزه بنده ڪنهن نہ ڪنهن جماعت ۾، ڪنهن نہ ڪنهن هنڌ، ڪنهن نہ ڪنهن تعداد ۾ تنهنجي محبوب تي تنهنجي انهي حڪم تي تہ،

''اِنَّ اللّٰهَ وَ مَلٰٓئِكَتَهٗ يُصَلُّوْنَ عَلَى النَّبِيِّ ؕ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا صَلُّوْا عَلَيْهِ وَ سَلِّمُوْا تَسْلِيْمًا''



عمل ڪن ٿا، اهڙي طرح هن جماعت کي اويسي قلندري درود عطا ڪيو ويو پر هن کي اهو بہ حڪم مليو تہ هيءَ اجتماعي طريقي سان درود پڙهي پر ڪنهن تي بہ تنقيد نہ ڪري، ڪنهن جي بہ نظرئي ۾ ڪا فرقا پسندي ڪا منافقت نہ ڪري، سيني کي پنهنجي پنهنجي ڊيوٽي ڏيڻي آهي، هر ڪنهن کي پنهنجي دل مان اهي بت ڊاهڻا آهن، منهنجا رب صرف تنهنجي ذات کي قائم رکڻ جي لاءِ تنهنجي محبوب ٿي سئو سٺ بتن کي نابود ڪري شرڪ کي ڪڍي ڇڏيو ۽ چيائين منهنجي امت ۾ شرڪ ختم ٿي ويو، منهنجي امت مان مون شرڪ ختم ڪري ڇڏيو، منهنجي امت ۾ مونکي خوف آهي تہ دنيا جي دولت جو خوف آهي، منهنجي امت ۾ فتنو برپا ٿيندو تہ دولت جي ڪري ٿيندو، پر منهنجي امت مان شرڪ ختم ٿي ويو، جڏهن ٿي سئو سٺ بت نابود ٿيا تڏهن اهو سڀ ختم ٿي ويو، فقط انهي هڪڙي حقيقت ڪري، تڏهن صوفي چون ٿا تہ اي رب اسان توکي حقيقت ڪري مڃيو آهي، توهان کي ٻيا مذهب ٻيون صورتون توهان کي هڪڙو تصوراتي خاڪو ٿا مڃن پر،

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ

چوڻ وارا صوفي توکي حقيقت ڪري تسليم ڪن ٿا ۽ انهيءَ حقيقت کي پهچڻ تي

وَفِي أَنْفُسِكُمْ أَفَلَا تُبْصِرُونَ

واري جانچ ڪري اها زندگيءَ انهي منجهہ ٿا گذارين، منهنجا رب هيءَ اهي صوفي ناهن، هي ايڪويهين صدي جا جديد صوفي آهن، هيءَ نہ چلي وارا آهن، هي نہ چاليهي وارا آهن، هي نہ ڏهي وارا آهن، هنن جي زندگي چاليهو آهي، هنن جي زندگي ڏهو آهي، هي جواني ۾ نفس کي مارڻ جي لاءِ اعتڪاف ڪن ٿا، نفس کي مارڻ لاءِ هنن جي سڄي زندگيءَ بندگي آهي، هي ٿوري ڏينهن جو چلو ڪو نہ ٿا ڪڍن، هي پنهنجي زندگيءَ جو چلو ٿا ڪڍن، منهنجا رب پاڪ تون گواه آهين هيءُ نوجوان منهنجا رب تنهنجي ۽ تنهنجي محبوب جي ڪري هيتري دير پنڊال ۾

ويٺا آهن، رب پاڪ عمومن ائين ٿيندو آهي تہ ماني پوءِ ٿيندي آهي ۽ محفل اڳ ۾ ٿيندي آهي متان ماڻهو ماني کائي پوءِ هليا نہ وڃن. منهنجا رب هي اڄ تنهنجي عشق ۾ ماني کائڻ کانپوءِ بہ ويٺا آهن پر هنن ۾ ڪا بہ چرپر ڪونهي، ماٺار آهي سناٽو آهي، منهنجا رب هيءُ تنهنجي انهي رحمت جي انتظار ۾ آهن. هيءُ پنهنجيون خالي جهوليون ڀري تنهنجي محبوب جي انهي رحمت جي چادر ۾ لڪڻ جي انتظار ۾ آهن تہ ڪو اسان کي ديدار ٿي وڃي، اسان جو دليون ديدار جي قابل ڪونهن پر اسان محسوس ڪري سگهون، اسان اهو تصور ڪري سگهون ٿا. اسان انهي سينگار کي سانڍي سگهون، هي اسان ۾ ڪيڏو سناٽو آهي، ڪيڏو سڪون آهي، ڪيڏو آرام آهي، ڪيڏي شانتي آهي، منهنجا رب پاڪ! اڄ اسان انهي محفل ۾ ڪربن جي تعداد ۾ درود پاڪ. ختم القرآن جا تحفا کٽي تنهنجي محفل ۾ پهتا آهيون، اڄ اهي سڀ تحفا. اندر جون ڪيفيتون، ظاهري باطني ڪيفيتون تنهنجي محبوب جي بارگاهہ اقدس ۾ منهنجي مرشد لعل شهباز قلندرؒ جي هٿان تحفو پيش ڪريون ٿا. منهنجي محبوب جي اهلبيت کي، اصحاب اڪرامن کي، تابعين کي، تبع تابعين کي، پيران پير دستگير رح کي، منهنجي مرشد لعل شهباز قلندرؒ کي، پوري انجمنِ غلامانِ قلندر کي، سيني درود پڙهڻ وارن کي ۽ انهن جي ماءُ پيءُ کي تحفو پيش ڪريون ٿا. اسان بابا سائين احمد علي قريشي کي ان جي استاد ڏاڏا حاجن سائين کي ان جي ماءُ پيءُ کي تحفو پيش ڪريون ٿا. اسان پنهنجي محبوب مرشد بابا سائين احمد علي کي ۽ ان جي ماءُ پيءُ کي تحفو پيش ڪريون ٿا. اسان بالخصوص ان کي تحفو پيش ڪريون ٿا جنهن پنهنجا سک اسان تي قربان ڪيا. اسان جا ڏک پاڻ ورتا. جن اسان جي زندگيءَ ٺاهڻ لاءِ پنهنجي زندگي تباهہ برباد ڪئي تباهہ برباد ڪو نہ ٿي پر سرخرو ٿي، پنهنجيون مٺيون مائٽيون ڇڏيون، اسان جا غم پنهنجا غم سمجهيا. ان سائين محمد علي کي ارپيون ٿا ان جي ماءُ پيءُ کي ارپيون ٿا. ان سان محبت ڪرڻ وارن کي پيش ڪريون ٿا. ان جي استاد کي جنهن سان سائين محمد علي چاليهہ



سال گڏ ائين رهيا جو هڪ پل بہ ڌار ڪو نہ ٿيا بائي پاس ٿيڻ کانپوءِ بہ. 1964ع کان وٺي آخري دم تائين گڏ هيا انهي ڏاڏا سائين عبدالرحمان شاه کي ان جي ماءُ پيءُ کي ان جي پيڻ وقت جي قلندر رابعہ بصري، جو مقام رکندڙ امان بيبي جيجي منيءَ کي تحفو پيش ڪريون ٿا. وقت جي حاضر سيني اوليا اڪرامن کي، حضرت خضر عليہ السلام کي تحفو پيش ڪريون ٿا. وقت جي غوث قطب ابدالن کي تحفو پيش ڪريون ٿا. اسان پنهنجي ماءُ پيءُ کي تحفو پيش ڪريون ٿا. عالم اسلام جي سيني مردن عورتن مسلمانن مومنين مومنات کي تحفو پيش ڪريون ٿا. انهن سيني اولياء اڪرامن کي جتي اسان جون محفلون ٿين ٿيون انهن سيني کي تحفو پيش ڪريون ٿا. يا الله سائين تون اسان جو حقيقي رب آهين، اسان دل جي اونهاين سان مڃون ٿا يا رب. اسان جا سجدا. اسان جون عبادتون، اسان جون بندگيون، اسان جا رڪوع منهنجا محبوب سڀ تنهنجي لاءِ آهي، توکان سواءِ اسان ڪنهن جي بہ بندگي ڪو نہ ٿا ڪريون، صرف تنهنجي بندگي ٿا ڪريون تون ئي انهيءَ بندگي جو مالڪ آهين، هيءَ اسان جا جهان منهنجا رب تنهنجي هٿ ۾ آهن، منهنجا رب اسان کي وري بہ تو وٽ پهچڻو آهي، منهنجا رب اسان وڏن گناهن جو ڀريون کٽي هٿ پهتا آهيون، منهنجا رب پاڪ اسان جا اڄ هن محفل ۾ اڳيان پويان گناهہ معاف فرماءِ.

سبحان الله وبحمده سبحان الله العظيم وبحمده،

استغفرالله، استغفرالله، استغفرالله،

منهنجا رب پاڪ اسان جا اڳيان پويان گناهہ معاف فرماءِ. اسان جي ماءُ پيءُ جا گناهہ معاف فرماءِ. يا الله هي سڀ نوجوان هي سڀ دوست هي سڄي انتظاميا هي سڀ ماڻهو هتي آيا آهن منهنجا رب اسان کي وڏيڪ دعا گهرڻ ڪو نہ ٿي اچي، اسان فقيراڻي انداز ۾ اسان صوفياڻي انداز ۾ منهنجا رب توکان دعا گهرنداسون جيڪا دعا اسان کي گهرڻ سيکاري وئي آهي، منهنجا رب تون اسان کي اتان کان ڏي جتان اسان کي گمان بہ

ڪونهي اسان کي ارادو بہ ڪونهي، اسان کي خيال بہ ڪونهي، اسان جي هنن سڀني دوستن کي ٻنهي جهانن ۾ مالا مال ڪري ڇڏ.

رَبَّنَا آتِنَا فِي الدُّنْيَا حَسَنَةً وَفِي الآخِرَةِ حَسَنَةً وَقِنَا عَذَابَ النَّارِ

منهنجا رب پاڪ زميني آسماني سڀ عذاب ختم ڪر، منهنجا رب هنن سڀني دوستن کي آباد ڪر، پڙهائي جي معاملي ۾ بيمارين کان هنن کي پري ڪر، هنن کي جن بہ دعا لاءِ چيو هجي انهن تان بہ عذاب لاهي، هنن جون پريشانيون لاهي، هنن جو بيماريون لاهہ. منهنجا رب هنن کي صحت تندرستي عطا فرماءِ، هنن جي ڪاروبار کي وڌائي، منهنجا رب هنن جو زندگيون سرخرو بڻاءِ، هنن جون زندگيون سجائيون بڻاءِ، هنن جي ماءُ پيءُ جون زندگيون سجائيون بڻاءِ، منهنجا رب پاڪ اسين رحم وٺڻ لاءِ هتي آيا آهيون تون ارحم راحمين آهين، تون مسب السباب آهين، منهنجا رب پاڪ هنن اسان جي دوستن وٽ ظاهري اسباب ڪونهن منهنجا رب تون هنن کي ظاهري اسبابن سان بہ نواز، هنن کي باطني اسبابن سان بہ نواز، هنن کي روحاني اسبابن سان بہ نواز، هنن کي روحاني بہ ترقيون عطا فرما پوءِ دنيا وارا بہ هنن تي رشڪ ڪن، ڀلي حسد ڪرڻ وارا حسد ڪن، منهنجا رب پاڪ هنن کي نواز، منهنجا رب پاڪ جيڪي هتي دوست انتظاميا، انجمن غلامِ قلندر جا يونٽ سرڪل انچارج ۽ ٻيا جيڪي بہ دوست جن رات ڏينهن هڪ ڪري ڇڏيو آهي، هن محفل لاءِ منهنجا رب اسان جي زندگيءَ جي جاني مالي سڀني جي توکي خبر آهي هنن سڀني جا فائيل روز اچن ٿا منهنجا رب پاڪ، روز هي دانهون ڪن ٿا مونکي چون ٿا، منهنجا رب اڄ اهي سڀ آئون تنهنجي محبوب جي بارگاه ۾ پيش ڪندس، منهنجا رب پاڪ پوءِ اهي فائيل تنهنجي بارگاهہ ۾ ايندا چو تہ تو چيو آهي تہ مون ڏانهن اچڻ لاءِ ڪو وسيلو تلاش ڪريو. منهنجا رب هن کان وڏيڪ اسين ٻيو ڪهڙو وسيلو هٿ ڪيون، هڪڙو تنهنجو محبوب ٻيو تنهنجي محبوب جو درود اهو بہ ڪرين جي تعداد ۾ ڪٺي رب پاڪ اسين تو وٽ پيش ٿيا آهيون، منهنجا رب هاڻي اسان اڀرن کي سڀرون ڪر، منهنجا رب اسان



اڀرا آهيون اسان کي سڀرون ڪر، اسان جيڪڏهن نورِ بصيرت کان نابين آهيون تہ اسان کي اکين وارو ڪر، منهنجا رب اسان ۾ جيڪڏهن صُمٌّ بُكْمٌ عُمْيٌ واريون خصلتون ٿي ويون آهن، اسان ۾ ماديت پرستي واريون خصلتون ٿي ويون آهن تہ اسان جا رب تون تہ سميع آهين، تون بصير آهين، تون ٻڌڻ وارو آهين منهنجا رب پاڪ تون ٻڌي سگهي ٿو تون هن دلين جون ڪيفيتون سڃاڻي سگهي ٿو پر کي سگهي ٿو، منهنجا رب هي منهنجا دوست جيڪي مونکي پيارا آهن تہ توکي ۽ تنهنجي محبوب کي ڪيڏا پيارا هوندا، منهنجا رب هي ڏاڍا پيارا دوست آهن، هي بغير ڪنهن لوڀ لالچ جي توسان تنهنجي محبوب سان اسان سان پيار محبت ڪرڻ وارا آهن، منهنجا رب پاڪ هي ٻار آهن هي ڏکيون ڏکيون بندگيون ڪرڻ سمجهن ڪو نہ ٿا، منهنجا رب تنهنجي اڳيان هي پيش پيا آهن، منهنجا رب هي تنهنجي اڳيان ظاهر ظهور پيش پيا آهن، تنهنجي محبوب جو وسيلو ڪٺي تنهنجي اڳيان پيش آهن منهنجا رب هنن کي قبولي ڇڏ، اسان سڀني کي قبولي ڇڏ، انهي رحمت جي دامن ۾ آڻي ڇڏ، جيڪا رحمت ڪري تو موڪلي آهي انهي جي دامن ۾ اسان کي لڪائي ڇڏ، منهنجا رب تنهنجي محبوب جي رحمت جي دامن کي ڪنهن شيءِ جي ضرورت ڪونهي، اسان انهي پٺائي جي شعر وانگر ٿا چئو تہ اسان عدل وارا ڪو نہ آهيون، اسان حساب ڪتاب وارا ڪو نہ آهيون، اسان وٽ ڪا بہ اهڙي سٺي عبادت بندگي ڪونهي جو تنهنجي اڳيان پيش ڪريون، منهنجا رب پاڪ تون خالق آهين پر مخلوق سان جنهن شيءِ ۾ تون گڏ بيٺو آهين اهو تنهنجي محبوب جو درود آهي، منهنجا رب تنهنجي محبوب جي انهيءَ درود جو وسيلو ڪٺي هيءُ خالي جهوليون ڪٺي هيءُ ٻچڙا هيءُ وڏا هيءُ ضعيف هي سڀ ڪٿان ڪٿان ڪان آيا آهن منهنجا رب تنهنجي محبوب جي محفل تنهنجي محبوب جو دسترخوان سجائن، منهنجا محبوب تون ڪيئن چوندي، منهنجا رب تون پنهنجي محبوب جي مقام کي رياض الجنت ٿو ڪري ڇڏي، منهنجا رب اسان پنهنجو پاڻ کي ظاهري طرح تہ نہ پر روحاني طرح

اسان پنهنجو پاڻ کي انهي رياض الجنت ۾ موجود ڪري تنهنجي اڳيان حاضر ٿيا آهيون. هاڻي اسان کي هن دروڊن واري جنت مان ٻاهر نه ڪيجان. منهنجا رب پاڪ هن رحمت ڀري جنت مان اسان کي ٻاهر نه ڪيجان ۽ اسان تي ڦيرو ڪر فضل جو. اسان عدل وارو حساب ڏيڻ وارن مان ڪو نه آهيون. اسان کي انهي فضل منجهان پار ڪراءِ. منهنجا رب اسان رحم جي اميد ڪرڻ آيا آهيون. هن سرزمين تي رحم ڪر. هن برصغير تي رحم ڪر. هن پاڪستان جي سرزمين تي رحم ڪر. هن سيني دوستن تي رحم ڪر. اسان جي عزيز اقاربن تي رحم ڪر. منهنجا رب پاڪ هن پاڪ درود پڙهڻ وارن تي رحم ڪر. جن هن محفل ۾ انتظاميا جي طرح مالي جاني طرح ڪنهن به طرح سپورٽ ڪئي آهي منهنجا رب توکي انهن جي پريشانين جي خبر آهي اڄ منهنجا رب پاڪ انهن جون پريشانيون اڄلي ٻاهر ڪيو. انهن کي مالا مال ڪر. منهنجا رب پاڪ صبح جو اسان کي واڌايون خوشخبريون ملن ته ڪنهن جهو ڪهڙو ظاهري ڪم ٿيو هي اسان جا دوست ظاهري ڪم وٺڻ ٿا چاهين. منهنجا رب پاڪ تنهنجي در تي ڪهڙي کوٽ آهي. تنهنجي محبوب جو وسيلو وٺي اچي ۽ اهو خالي موٽن ائين ڪڏهن ٿيو ئي ڪونهي. انهيءَ وسيلي جي ڪري ئي آدم کي به بخشش ملي. حضرت موسيٰ عليه السلام کي جيڪڏهن تنهنجو ديدار ٿيو ته انهي وسيلي جي پنيان ٿيو. جنت ۾ جيڪڏهن سيني انبيائن جي امت ويندي ته انهي جي پنيان ويندي. اسان جو ڇوٽڪارو به انهي جي پنيان آهي. منهنجا الله سائين انهيءَ محبوب جي پنيان اسان کي بخش ڪر. يا ارحم راحمين بخش ڪر. يا ارحم راحمين بخش ڪر. يا ارحم راحمين بخش ڪر.

رَبَّنَآ اٰتِنَا فِي الدُّنۡيَا حَسَنَةً وَّفِي الۡاٰخِرَةِ حَسَنَةً وَّقِنَا عَذَابَ النَّارِ.

''اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِیِّ الۡاُمِّیِّ وَعَلٰی اٰلِہٖ وَاَصۡحَابِہٖ وَبَارِکۡ وَسَلِّمۡ''

سائين محمد علي بادشاه رح جي عرس مبارڪ

۽ ساليانی درود پاڪ جي محفل ۾ گهريل دعا.

تاريخ : 28_09_2019.



# سيد غلام حيدر شاهه قلندري جا

| چيپل ڪتاب | ايندڙ ڪتاب |
|---|---|
| 1. منهنجا سهڻا سڄڻ (ڪافيون) | 1. اميدِ عشق (تقريرون) |
| 2. پلي چريو چون ماڻهو (غزل شاعري) | 2. وارداتِ عشق (تقريرون) |
| 3. نرتؤن منجهان نينهن (فضائل دُرود پاڪ) | 3. نچوڙيو نينهن جن کي (روحاني ڪچهريون) |
| 4. هو جي هليا هنگلور (نثر) | 4. مُنيون پيڙي پيچ |
| 5. گونجيا گيت حيدر جا (شاعري) | 5. انتقال عشق وصال يار (شاعري) |
| 6. آثار قيامت | 6. باغِ وفا جون رمزون (روحاني ڪچهريون) |
| 7. آذانِ عشق (تقريرون) | 7. لفظن جي ڄار (شاعري) |
| 8. چنڊ چهرو محبوب جو (شاعري) | 8. سب کچه چلتا ہے |
| 9. پريڻَ جي پار جون ڳالهيون. | 9. وفاءِ محمد ﷺ |
| 10. سڄڻ جن کي سڏيو | 10. Salient Message of Sufism |
| 11. اعلانِ عشق (تقريرون) | 11. هدايت سلوڪِ قلندريت |
| | 12. المنزعِ عشق (سوالن جا جواب) |
| | 13. بے سمجھی کی باتیں (اردو شاعری) |
| | 14. سفر عشق (عراق جون مقدس زيارتون) |

